

# روح جي زندگي تي غور و فڪر



روحي انستيتيوت





ڪتاب 1

# روح جي زندگي تي غور و فڪر

روحي انسٽيٽيوٽ

Final



# هن سلسلي جا ڪتاب


| | |
|---|---|
| ڪتاب 1 | روح جي زندگي تي غور و فڪر |
| ڪتاب 2 | خدمت جي لاءِ قيام |
| ڪتاب 3 | ٻارن جا ڪلاس گريڊ 1 پڙهائڻ |
| | ٻارن جا ڪلاس گريڊ 2 پڙهائڻ |
| | ٻارن جا ڪلاس گريڊ 3 پڙهائڻ |
| | ٻارن جا ڪلاس گريڊ 4 پڙهائڻ |
| ڪتاب 4 | جاڙا مظاهر ظهور |
| ڪتاب 5 | نوجوانن کي روحاني طور تي بااختيار ڪرڻ |
| ڪتاب 6 | امراللہ جي تبليغ |
| ڪتاب 7 | خدمت جي راه ۾ گڏوگڏ |
| ڪتاب 8 | ميثاق ( قول و قرار ) |
| ڪتاب 9 | گهراڻي جي خوشحالي |


Copyright © 2022 by the Ruhi Foundation, Colombia
All rights reserved. Edition 4.1.2.PE published in Januray 2022
Printed in Pakistan

Originally published in Spanish as *Reflexiones sobre la vida del espíritu*
Copyright © 1987, 1995, 2008, 2020 by the Ruhi Foundation, Colombia

Permission for a limited printing of this book in Sindhi has been granted by the Ruhi Institute.

Ruhi Institute
Cali, Colombia
Email: instituto@ruhi.org
Website: www.ruhi.org

Final



# هن ڪتاب ۾

| | | |
|---|---|---|
| 01 | ٿيوٽر جي لاءِ ڪجهه خيال | 05 |
| 02 | بهائي مقدس تحريرن ڪي سمجهڻ | 13 |
| 03 | دعا ۽ مناجات | 28 |
| 04 | زندگي ۽ موت | 45 |

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

## ٽيوٽر جي لاءِ ڪجهہ خيال

روحي انسٽيٽيوٽ جي ذريعي پيش ڪيل ڪورسن جي بنيادي سلسلي جي پهرينڪتاب"روح جي زندگي تي غور و فڪر" جو مطالعو سڄي دنيا ۾ جن علائقن ۾ ڪيو پيو وڃي ان جي تعداد ڪيترن ئي سالن کان وڌنڌي رهي آهي. ڪيترن ئي صورتن ۾ ان مواد کي دوستن جي هڪ گروپ ۾ پڙهيو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويندي آهي، جيڪا هڪ اسٽيڊي سرڪل جي شڪل ۾ باقاعدگيءَ سان ملي سگهي ٿي، يا زوردار مطالعي جي ڪمپين جي شڪل ۾، يا اسڪول جي موڪلن دوران ڪنهن ڪيمپ ۾ گڏ ٿي سگهن ٿا. موقعو ڪٿي ڪهڙو بہ هجي گروپ جو هڪ فرد ٽيوٽر جو ڪردار ادا ڪندو آهي. ٽيوٽر ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن جي وچ ۾ جيڪو تعلق هوندو آهي اهو استاد ۽ شاگرد وانگر ناهي هوندو.

سڀ شعوري طور تي هڪ اهڙي عمل ۾ مصروف هوندا آهن جنهن ۾ هر ڪوئي سکڻ جو خواهشمند هوندو آهي. پر ٽيوٽر ڳالهہ ٻولهہ جو ڪو جدا ۽ غير فعال سهولت ڪار بہ ناهي هوندو. هو ڪورسن جي سلسلي جي مناسب مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ خدمت جا ڪم سرانجام ڏيئي پوءِ نئي گروپن ۾ شرڪت ڪندڙن کي مطالعي ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو يا ڏيندي آهي. جي ڪتاب 1 جي ٽيوٽر جي حيثيت سان ڪم ڪندو يا ڪندي آهي انهن لاءِ هو وقت بہ وقت ان تعارف ۾ پيش ڪيل خيالن جو جائزو وٺڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو.

پوري دنيا ۾ شريڪ ٿيندڙ، مختلف پس منظر سان ان پهرين انسٽيٽيوٽ ڪورسن ۾ شامل ٿيندا آهن. ڪجهہ بهائي سماج جا ماڻهو هوندا آهن جيڪي ان جي خدمت جي لاءِ پنهنجي صلاحيت کي وڌائڻ چاهيندا آهن جنهن کي انهن قبول ڪيو آهي. ڪيترا ماڻهو امر بهائي جو بطور دين پنهنجي تحقيق جي لاءِ هن ڪورس جي مطالعي جو آغاز ڪندا آهن. جڏهن تہ ٻيا ماڻهو بهائي نظرين کي پسند ڪندا آهن ۽ پاڻ کي جامع جي مقصدن ۽ ڪوشش سان گڏ منسلڪ رکڻ جا خواهشمند هوندا آهن، ۽ ان ۾ خاص طور تي جوانن جو هڪ وڌنڌڙ تعداد آهي جيڪو بهائي سماج کي وڌائڻ هڪ يا ٻن پروگرام جي ذريعي معاشري جي خدمت جي لاءِ پنهنجون صلاحيتون وڌائڻ جا خواهشمند هوندا آهن ۽ شروعاتي قدم جي طور تي هن ڪورس کي ڪٽندا آهيون.

شروعات کان ئي هر هڪ شريڪ ٿيندڙ تي هي واضع ٿيڻ کپي تہ روحي انسٽيٽيوٽ جا ڪورس انسانيت جي خدمت جو رستو نقش ڪندا آهن جنهن ۾ اسان مان هر هڪ همڪاري ڪندي ۽ ٻي جي مدد حاصل ڪندي پنهنجي رفتار سان هلندا آهن. ان رستي تي هلڻ سان مراد ٻين اخلاقي مقصد جو حصول آهي. پاڻ پنهنجي روحاني ۽ ذهني نشوونما تي ڌيان ڏيڻ ۽ معاشري جي ڪايا پلٽ ۾ شريڪ ٿيڻ آهي. ان راهہ ۾ پيشرفت جي لاءِ شرط آهي تہ متعد و صلاحيتن جي

# روح جي زندگي تي غور و فڪر

نشونما ڪئي وڃي جنهن ۾ سمجهه ۽ علم، روحاني خوبيون ۽ قابل ستائش روين سان گڏو گڏ قابليتون ۽ مهارتون شامل آهن. انسٽيٽيوٽ جا ڪتاب علم جي ذريعن تي تيار ڪيا ويا آهن ان ۾ امر بهائي جي تعليم آهي ۽ گڏو گڏ سڄي دنيا جي بهائي جي تجربن جو مجموعو آهي جيڪي مادي ۽ روحاني تمدن ڪي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ حاصل ڪيا پيا وڃن. انسٽيٽيوٽ ڪي جيڪا شئي تحرڪ بخشندي آهي هو هڪ فرد ۽ تمندن جو تصور آهي جيڪو اسان تعمير ڪري سگهون ٿا. اهو تصور ڪيو ويندو آهي تہ پس منظر ڪان آزاد تمام شريڪ ٿيندڙ، ان سمجهہ ڪي اپنائڻ جي لاءِ آزاد آهن جيڪا هر ڪتاب جي هر يونٽ ۾ واضع آهي.

هڪ اهڙي دنيا ۾ جتي عقيدا ۽ مختلف طريقا، پيروڪار حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن ذريعو استعمال ڪرڻ جي لاءِ آماده هوندا آهن، امر الله سان ناواقف ڪنهن شخص ڪي بہ انسٽيٽيوٽ جي ارادن جي باري ۾ قدرتي طور تي سوال تي سگهن تا جن ۾ سڀ ڪان اهم هي تي سگهن تا تہ "چا مون ڪي پنهنجو دين تبديل ڪرڻ جو چيو پيو وڃي؟" "چا مونکي ڪنهن دين ۾ شامل ٿيڻ جو چيو پيو وڃي؟" ان طرح جي سوالن ۾ ٽيوٽر ڪي ڪورسز جي سلسلي جي مقصد جي باري ۾ متي گفتگو جي انداز ۾ وضاحت ڪرڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪندا آهن. جڏهن تہ هي هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ بهائي پنهنجي دوستن ڪي جامعي ۾ شامل ٿيندي ڏسندڙ جا خواهشمند تي سگهن ٿا، ٽيوٽر اهو بہ واضح ڪري سگهي ٿو تہ ان جي پنهنجي تعليمات ان ڪي مذهب تبديل ڪرڻ ڪان روڪيندي آهي.

انسٽيٽيوٽ ڪورسن جي ذريعي ڪوليل خدمت جي راهہ تي هلڻ حضرت بهاءالله جي تعليمات جي باري ۾ گهري ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو مطالبو ڪندو آهي جيڪو هي مواد واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. قبوليت ۽ ايمان هر فرد جو ذاتي معاملو آهي جنهن تي هو آزاد طور تي ۽ ڪنهن دباءَ جي بغير غور ڪري سگهي ٿو.

بس هي ڪا حيرت جي ڳالهہ ناهي تہ سمجهہ جي سوال سان جيڪا سلسلي جي ڪتابن جو مرڪز آهن انهن مان هي پهريون ڪتاب شروع ٿيندو آهي. آثار مقدس جو پڙهڻ اهڙو ناهي جيترو هڪ خوانده شخص عمومن پنهنجي زندگي ۾ هزارين جنهن جا ڪتاب پڙهندو آهي. ۽ يونٽ "بهائي آثار جي سمجهہ" روزانو مقدس تحريرن سان اقتباس پڙهڻ ۽ ان جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جي عادت ڪي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هڪ اهڙي عادت جيڪا شرڪت ڪندڙن ڪي خدمت جي راه تي پنهنجي سفر جو آغاز ڪندي وڏي حد تائين مدد فراهم ڪندي. انهن جي مطالعي ۾ انهن جي رهنمائي جي لاءِ ٽيوٽر ڪي تفهيم جي موضوع تي ڪافي سوچ ۽ ويچار ڪرڻي پوندي.

# روح جي زندگي تي غور و فڪر

بهائي تحريرن ۾ گهرا روحاني حقائق موجود آهن ۽ جڏهن اسان ان جي لامحدود معنيٰ جي باري ۾ پنهنجي فهم ۾ پيشرفت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون اسان ڄاڻيندا آهيون ته اسان ڪڏهن به ڪنهن آخري حد تائين نٿا پُهچي سگهون- عام طور ته جڏهن اسان هن ڪي پهرين دفعه پڙهندا آهيون ته اقتباس جي فوري معنيٰ جو هڪ بنيادي فهم حاصل ڪندا آهيون ۽ يونٽ جو پهريون حصو ان ڪي نقط آغاز جي حيثيت سان وٺندو آهي. ان ڪري ان اقتباس ڪي پڙهڻ ڪانپوءِ ته "دنيا جو سڌارو پاڪيزه ۽ مقدس اعمال ۽ قابل ستائش چال چلن جي ذريعي ڪري سگهجي ٿي." شريڪ ٿيندڙن کان اهو سادو سوال پڇيو ويندو آهي "دنيا جي سڌارو" ڪين ڪري سگهجي ٿي. ان طرح جا سوال ۽ مشقون پهرين نظر ۾ تمام ساده نظر ايندين آهن. پر سالن جو تجربو انسٽيٽيوٽ جي ان انداز سان آغاز ڪرڻ جي فيصلي ڪي درست ثابت ڪندو آهي. اسان سيني ڪي ان يادگيري جي ضرورت آهي ته هڪ اقتباس جي مطلب جي گهرائي جي تلاش جي جلد بازي ۾ واضع معنيٰ ڪي ذهن مان اوجهل نه ٿيڻ گهرجي. ادراڪ جي ان پهرين مرحلي تي توجه ڏيڻ گروپ جي مشورت ۾ به فائديمند ثابت ٿيندي آهي. اهو اتحاد فڪر ڪي طاقتور ڪندو آهي، جيڪو ان وقت آساني سان حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي ويندو آهي جڏهن ذاتي راءِ ڪي حڪمت الاهي جي ذريعي روشن ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي.

هتي اهو نوٽ ڪرڻ ضروري آهي ته ڪيترن ئي اقتباسن جي فوري معنيٰ ڪي سمجهڻ ۾ سياق ۽ سباق کان هٽي ڪري هڪ لفظ تي وڏيڪ بحث جو ڪو فائدو ناهي هوندو. ان جي باوجود اهو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن موقع تي اهو ضروري هجي ته ڪو گروپ ڪنهن لفظ جي معنيٰ ٻولي ۾ تلاش ڪري- تنهنڪري ان کان وڌيڪ نتيجه خيز اهو ٿي سگهي ٿو ته شريڪ ٿيندڙ پوري جملي ۽ پيراگراف مان لفظن جي معنيٰ حاصل ڪرڻ سگهي وٺن.

فوري معنيٰ جي دائري کان وڌي ڪري سمجهڻ جي لاءِ اهي مثالون جيڪي نظرين جو پڪو اظهار ڪنديون آهن فائديمند ثي سگهن ٿيون. ان حوالي سان جيڪو ڪجهه چيو وڃي رهيو آهي اهي ساديون مشقون آهن. مثال جي طور تي حصو 2 ۾ شريڪ ٿيندڙن کان ان اقتباس جي روشني ۾ جيڪو انهن هاڻي پڙهيو آهي اهو سوچڻ جو چيو پيو وڃي ته ڇا اهو مخصوص خوبيون قابل ستائش آهن. حصه 4 ۾ انهي طرح جي هڪ مشق ۾ انهن پنج خوبين جا نالا وٺڻ جو

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

چيو پيو وڃي ۽ پوءِ فيصلو ڪرڻ جو چيو ويو آهي ته بهآئي تعليمات ۾ بيان ڪيل سچائي جو "تمام انساني خوبين جي بنياد آهي" جي غير موجودگي ۾ انهن مان ڪنهن هڪ کي به حاصل ڪرڻ ممڪن آهي؟

هن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو يونٽ پيش ڪيل عبارتن جي ڪجهه موضوعن جي باري ۾ سوچڻ جي لاءِ شريڪ ٿيندڙن کي للڪاريندي تفهيم ۾ اڳيان وڌڻ جو مطالبو ڪندو آهي- حصو 2 ۾ انهن کي اهو تعين ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو آهي ته ڇا اهو بيان "دنيا ۾ سنا ماڻهو ان قدر گهٽ آهن جو انهن جي ڪم جو ڪو اثر ڪونه ٿيندو" درست آهي. هتي محض راءِ کي واضع ڪرڻ مقصد نه آهي. ٽيوٽر کي هتي ڪجهه دير ترسي ڪري شريڪ ٿيندڙ جي جواب جي وجه معلوم ڪرڻ گهرجي. بيان لازمي طور تي غلط هئڻ گهرجي ڇو ته پهرين حصي جو پهرين اقتباس کان الڳ آهي ۽ هي اهو نتيجو آهي جنهن تي گروپ کي پهچڻ گهرجي. ان قسم جي هڪ ٻي مشق به آهي ته آيا ڪنهن بهائي جي لاءِ جائز آهي ته هو ٻين جي سامهون پنهنجي گناهن جو اقرار ڪري توبه ڪري. يا ڪنهن شخص جي سامهون گناهن جو اعتراف ڪري توبه جي منع جي تعليمات جي طرف اشارو ڪندو آهي جيڪو ته پڙهيل ڪنهن به عبارت ۾ واضع بيان ڪيو ويو آهي. البته ان اقتباس تي غور ۽ فڪر کان اخذ ڪري سگهجي ٿو، "ان کان پهرين جو تنهنجو حساب ورتو وڃي هر روز پنهنجي نفس جو حساب ڪندو ڪر."

ان يونٽ جي مشقون ڪنهن به طرح زير نظر اقتباسن جي معنيٰ جي تمام حدن جي چوڌاري گهمڻ جي ڪوشش نه ٿيون ڪن. هڪ سوال جنهن تي هر ٽيوٽر کي غور ڪرڻ کپي ته ڪنهن به مشق ۾ ڪيتري دير ڳالهه ٻول ڪرڻ گهرجي. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ ضروري آهي ته مختلف پر هڪجهڙائي رکندڙ تصورن کي متعارف ڪرائي وڌيڪ غور و فڪر ڪرڻ مواد جي اثر کي گهٽ ڪري ڇڏيندو آهي. هر گروپ کي ترقي جي هڪ مناسب رفتار قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شريڪ ٿيندڙ کي هي واضع احساس هئڻ گهرجي ته هو پنهنجي سمجهه جي مطابق باقاعده ترقي ڪري رهيا آهن- بهرحال ٽيوٽر کي هوشيار رهڻ کپي ته مشقن کي سوچي سمجهي ۽ تجربي ڪرڻ بغير حصن کي سرسري طور تي پڙهي ۽ جلدي جلدي ختم نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي گروپ اهڙي طرح صرف جوابن کي مڪمل ڪندي اڳيان وڌندا آهن ڪڏهن به مضبوط نتيجا حاصل نٿا ڪري سگهن.

# روح جي زندگي تي غور و فڪر

هڪ آخري نقط تي ڪجهه ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي: ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ٽيوٽر تي فرض آهي تہ گروپ جو هر شريڪ مواد جي ذريعي ترقي ڏيڻ واري سکڻ جي عمل ۾ مصروف رهي. ڪنهن بہ فرد کي چوڻ جي لاءِ دٻاءُ وجهڻ بغير شرڪت ۾ شامل رکڻ اڪثر هڪ للڪار هوندي آهي. آغاز کان هي اسان کي اهو سمجهڻ کپي تہ ان للڪار جو سامهون شاذ ۽ نادر ”ان مان توهان ڇا سمجهو؟“ جهڙا سوال پڇڻ سان گڏ هي ڪري سگهجي ٿو. ان قسم جا سوال علم ۽ سچائي کي گهٽائي ڪري رائي جي سطح تي آڻي ڇڏيندا آهن. ۽ ان ڪانپوءِ گروپ جا اعضاءِ جي درميان مشورت ۾ بلند تر تفهيم پيدا ڪرڻ جو ماحول پيدا ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي.

هن ڪتاب جي ٻي يونٽ جو تعلق پهرين جي طرح روحاني زندگي جي ضروري عادت سان آهي يعنيٰ باقاعدگي سان دعا ۽ مناجات ڪرڻ- ان جي ابتدائي حصن ۾ ”خدمت جي راه“ جي تصور کي واضع ڪيو ويو ۽ هي تجويز ڏني ويندي آهي تہ ان راه تي هلڻ جي لاءِ اسان کي هڪ ٻتو مقصد سان ڀرپور هئڻ کپي- شريڪ ٽينڊز اقتباسن جي هڪ ابتدائي سيٽ جي جانچ ڪندا آهن جيڪا ان مقصد جي نوعيت جي باري ۾ بصيرت پيش ڪندا آهن. هي هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو آئنده ڪورسن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويندو.

هن موضوع جي پس منظر ۾ هي يونٽ دعا ۽ مناجات جي اهميت جي کهوج ڪندو آهي. ان ۾ اهي ئي طريقہ اپنايا ويا آهن جنهن ۾ ان کان پهرين جا ڪيترائي پيراگراف ۾ بيان ڪيا ويا هئا. سوال ۽ مشقون ان طرح تيار ڪيون ويون آهن تہ جيئن زير مطالعہ تحريرن مان اقتباسن جي معنيٰ جي تفيم کي وڌائي سگهي. جئين جئين گروپ يونٽ مان گذرندو آهي ٽيوٽر کي ماضي جي تفسيرن ۽ طريقي ڪار سان جڙيل رهندي تصورن جو تجزيو ڪندي شڪ ۽ شبن کي پري ڪرڻ جي ضرورت ٿي سگهي ٿي. ڪجهه روايتن ۾ رسم و رواج ۽ وَضع بتدريج باطني ڪيفين جي اهميت کي گهٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ تمام گهڻا ماڻهو دعا ۽ مناجات جي اهميت کي نظر انداز ڪندا آهن جيڪو انساني روح جي لاءِ جسم جي پرورش ڪرڻ واري غذا جي اهميت کان گهٽ تر اهم ناهي.

سيني کان وڏيڪ پوءِ هي يونٽ شريڪ ٽينڊز ۾ ”خدا سان هم ڪلام ٿيڻ“ ۽ ان جو قرب حاصل ڪرڻ جي گهيري خواهش بيدار ڪندو آهي. پيش ڪيل نظرين ۾ دعا جي حالت ۾ داخل

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

ٿيڻ، اهڙو ڪندي دل ۽ ذهن جي ڪيفيت ۽ اوهان حالات جيڪي اسانجي اردگرد جي ماحول ۾ پيدا ٿيڻ گهرجن پلي اسان اڪيلا هنجو يا جلسن ۾ شامل هنجون. اجتماعي عبادت جي ذريعي پيدا ٿيڻ واري قوتن جي باري ۾ غور ڪرڻ ڪانپوءِ شريڪ ٿيندڙن ڪان دعا ۽ عقيدت جي لاءِ هڪ اجتماع جي ميزباني تي غور ڪرڻ جو چيو ويندو آهي.

هن ڪتاب جي ٽي يونٽ "زندگي ۽ موت" جي مطالعي ڪانپوءِ اُها اميد ڪري سگهجي ٿي ته خدمت جي رستي تي هلڻ جي عزم ۽ ان جي وڏيڪ گهري معنيٰ سان گڏ وقف ڪرڻ ڪي تقويت ڏيندو. زندگي جي مڪمل سياق ۽ سباق ۾ خدمت ڪي ان دنيا ۾ بهتر طور تي سمجهو ويندو آهي جيڪا اسان جي زميني وجود سان اڳيان وڌنتي آهي ۽ هميشه جاري رهندي آهي جهڙي طرح اسان جا روح خدا جي دنيا ۾ ترقي ڪندا آهن. تعليم جي هڪ عمل ۾ تخليقي تربيت جي برخلاف شريڪ ٿيندڙن ڪي ڪيپي ته هو جيڪي ڪري رهيا آهن ان جي معنيٰ ۽ اهميت جي باري ۾ شعور ڪي وڌائيندا رهن. جيڪڏهن صرف ان طرح شعور وڌندو آهي، تجربو ٻڌائي ٿو ته هو پاڻ پنهنجي سڪلائي جا ذميدار "ڪارڪن" جي طور تي ڏسي سگهندا.

يونٽ جي هر حصي جو آغاز بهائي تحريرن مان ورتل هڪ ڪان ٽي اقتباسن سان ٿيندو آهي جنهن ڪانپوءِ ڪجهه مشقون آهن. هن يونٽ جي اقتباسن جي زبان گذريل بن جي مقابلي زياده توجه جون حامل آهن. بي شق گروپ ڪي مشڪل لفظ تي تمام غور ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ٽيوٽر اهو يقيني بنائڻ چاهيندو ته تمام شريڪ ٿيندڙ هر حصي جي مرڪزي خيال ڪي سمجهي ورتو آهي جيڪي مشقون واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

موضوع جي نوعيت جي حساب سان گهري مثالن تي مشمتل مشقون تعداد ۾ گهٽ ۽ وقفي وقفي سان موجود آهن. زياده تر مشقون تصورن جي سطع تي ڪم ڪنديون آهن. غور ڪرڻ جي قابل هي آهي ته مشقن سان پيدا ٿيڻ وارن ڪجهه سوالن جو فوري يا تمام واضع جواب نٿو ڏئي سگهجي. هو ان موضوع جي باري ۾ شعور اجاگر ڪرڻ جي لاءِ متعارف ڪرايا ويا آهن. جيڪڏهن شريڪ ٿيندڙ ان طرح جي سوالن جي باري ۾ صرف سوچيندا ئي آهن ته سڪڻ جو مقصد پورو ٿي ويندو.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

پهرين ڪيترائي حصا روح ۽ جسم جي درميان تعلق تي مرڪوز آهن جيڪي گڏجي هن سرزمين تي انساني وجود کي تشڪيل ڏيندا آهن. انهن حصن ۾ پيش ڪيل مرڪزي خيال هي آهي ته روح جسماني وجود نه آهي. جسم سان ان جو تعلق آئيني مان ظاهر ٿيڻ واري روشني جي طرح آهي. نه هي ان جي سطح تي جميل ڊوڙ ۽ نه ئي آئيني جي پنهنجي تباهي پاڻ روشني جي چمڪ دمڪ کي متاثر ڪري سگهي ٿي. موت صرف حالت جي هڪ تبديلي آهي جڏهن جسم ۽ روح جي درميان تعلق ٽٽي ويندو آهي. ان ڪانپوءِ روح ابد تائين پنهنجي خالق جي طرف ترقي ڪندو رهندو

ان ڪانپوءِ يونٽ ”زندگي جي مقصد“.... خدا کي ڄاڻڻ ۽ ان جي قرب کي حاصل ڪرڻ....جي سوال جي طرف ايندو آهي. هتي گفتگو ٻن وسيع موضوعن جي چوڌاري گهمندي آهي. پهريون هن دنيا ۾ اسان جي زندگي جو مقصد ۽ ٻيو موت ڪانپوءِ روح جو سفر آهي. روح خدا جي هڪ نشاني آهي ۽ هي ان جي نالن ۽ صفتن کي ظاهر ڪري سگهي ٿي. جيئن ته انسان جي اندر صلاحيتون لڪيل هونديون آهن ۽ انهن کي مظهر ظهور الاهي جيڪي اهڙيون مقدس هستيون آهن جيڪي وقت به وقت انسانيت جي رهنمائي جي لاءِ ايندیون آهن جي مدد سان ئي ترقي ڏيئي سگهجي ٿي. أهي جيڪا روحاني تعليم فراهم ڪندا آهن ان جي ذريعي اسانجي اندر لڪيل خزانن جو انڪشاف ڪري سگهجي ٿو.

جيستائين موت ڪانپوءِ روح جي سفر جو تعلق آهي شريڪ ٿيندڙن جي غور ڪرڻ جي لاءِ خيالن جو هڪ سلسلو مرتب ڪيو ويندو آهي. هي ته خدا جا وفادار آهن حقيقي خوشيون حاصل ڪندا. اهو ته اسان مان ڪير به ڪڏهن به پنهنجي انجام کي نٿو ڄاڻي سگهي بهرحال اسان کي هڪ ٻي کي درگزر ڪري ڇڏڻ ۽ پاڻ کي ٻين کان برتر محسوس نه ڪرڻ کپي. اهو ته جهيڙي طرح هن دنيا ۾ آهي اڳين دنيا ۾ به روح مسلسل ترقي ڪندي رهندي ۽ اسان جيڪا روحاني قوت هتي حاصل ڪئي آهي أها اسان کي أتي مدد ڪندي. اهو ته اسان پنهنجي پيارن کي ايندڙ دنيا ۾ سڃاڻي وٺنداسين، پنهنجي زندگين کي ايندڙ دنيا ۾ ياد رکنداسين ۽ پاڪ ۽ مقدس روحن جي صحبت جو لطف وٺنداسين.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

هي يونٽ حضرت بهاءُالله جي تحريرن مان هڪ اقتباس تي اختتام پذير ٿيندو آهي جنهن ۾ اسان ايندڙ دنيا جي فيضن جي پڪ ڪرائي وئي آهي ۽ زور ڏنو ته هو هن زندگي ۾ اچڻ واريون تبديلين ۽ امڪانن جي غم جو باعث نه بڻائين. پوءِ انهن کي چيو ويندو آهي ته جيڪو ڪجهه انهن مطالعو ڪيو پنهنجي پنهنجي زندگين تي ان جي مضمرات تي غور ڪن.

Final

# روح جي زندگي تي غور و فڪر



## بهائي مقدس تحريرن کي سمجهڻ

مقصد :

مقدس لکتن کي پڙهڻ ۽ ان جي مطلب تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيت کي وڌائڻ ته جيئن هر روز مقدس تحريرن جي عادت وڌي وجي

# روح جي زندگي تي غور و فکر

## حصو:1

هن يونٽ جو مقصد هر روز مقدس تعليمات مان عبارتن کي پڙهڻ ۽ انهن جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جي عادت کي ترقي ڏيڻ ۽ مسحڪم ڪرڻ ۾ توهان جي مدد ڪندو يونٽ هڪ (1) سموري مشق سان گڏ شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ توهان ڪلامِ الاهي مان هڪ جملي جي برابر اقتباس کي پڙهندا ۽ هڪ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ چوندا. جنهن جو جواب خود اهوئي اقتباس آهي. جڏهن عمل ڪرڻ آسان آهي پر مشق توهان کي ڏنل بيانن جي معنيٰ تي غور ڪرڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ مدد ڪندي.

”دنيا جو سڌارو، بي عيب ۽ نيڪ عملن، مانائتا ۽ سٺي اخلاق وسيلي ڪري سگهجي ٿو.“ (1)

1- دنيا جو سڌارو ڪيئن ڪري سگهجي ٿو.؟ ____________________

____________________

”خبردار اي اهل بهاء! ائين نہ ٿئي جو توهان انهن ماڻهن جي راھ تي هلو جن جا قول سندن علمن کان مختلف آهن.“ (2)

2- اسان کي ڪهڙن ماڻهن جي راھ تي نہ هلڻ گهرجي.؟ ____________________

____________________

”اي فرزند هستي! انهيءَ کان اڳ ۾ جو توکان حساب ورتو وڃي پنهجي نفس جو حساب وٺندو ڪر.“(3)

3- ان کان اڳ ۾ جو اسان کان حساب ورتو وڃي، اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ____________________

____________________

”ڇئو اي يائرو! پنهجي پاڻ کي فقط ڳالهين سان نہ بلڪ نيڪ عملن سان سينگاريو.“(4)

4- اسين پنهنجي پاڻ کي ڪهڙي شيءِ سان سينگاريون؟____________________

____________________

”پاڪ ڳالهيون ۽ بي عيب ۽ نيڪ عمل هيڪڙائي جي جلال سان پريل آسمان تي پهچندا آهن.“ (5)

-5 پاڪ ڳالهيون بي عيب ۽ نيڪ عمل ڇا ڪندا آهن؟ ______________________________

____________________________________________________________________________

## حصو: 2

هيٺ ڪيتريون ئي مشقون ڏنل آهن. جن جو تعلق مقدس تحريرن مان ورتل انهن حصن سان آهي جنهن جو مطالعو اوهان هينئر ڪيو آهي. ڪجھ سوالن جا جواب ڏيڻ آسان آهن ۽ هنن تي ڊگهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳائڻ فائديمند نہ ٿيندو. پر جتي مشق ڪجھ ڏکي هجي اتي توهان ڪي پنهجي ٽيوٽر جي مدد سان هن ڪي پروڙڻو ئي پوندو.

1) مانائتا جي معنيٰ اُها شيءِ جنهن جي ساراهہ ڪري سگهجي. هيٺ ڏنل ڪهڙيون ڪهڙيون مانائتيون ڳالهيون آهن.

هڪ سنو ڪارڪن هجڻ. ______________________________

ٻين جو احترام ڪرڻ. ______________________________

ڪافي مطالعو ڪرڻ. ______________________________

ڪوڙ ڳالهائڻ. ______________________________

سست ۽ ڪاهل هجڻ. ______________________________

ٻين ڪي ترقي ڪرڻ لاءِ مدد ڪر ______________________________

2) ”اُن ڪان اڳ ۾ جو تنهنجو حساب ورتو وڃي“ جو ڇا مطلب آهي؟ ____________

____________________________________________________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

3) هيٺ ڏنل بيانن ۾ اهو فيصلو ڪريو ته اهي صحيح آهن يا غلط.

دنيا ۾ چڱا ماڻهو ايترا ته گهٽ آهن جو انهن جي ڪمن جو ڪوبه اثر نه ٿيندو. ________

ڪابه شيءِ انهيءَ وقت درست آهي جڏهن اُها ٻين ماڻهن جي نظر ۾ صحيح هجي.________

ڪابه شيءِ اُن وقت درست هوندي آهي جڏهن اُها خدا جي تعليم مطابق هجي. ________

4) هيٺ ڏنل مانائتا بي عيب ۽ نيڪ عمل آهن.

ٻارن جي سار سنڀال ۽ انهن جي تربيت ڪرڻ. ________

چوري ڪرڻ. ________

ٻين جي ترقي لاءِ دعا ڪرڻ ________

ڪنهن مشڪل مان جان ڇڏائڻ لاءِ ٿورو ڪوڙ ڳالهائڻ. ________

ٻين جي انهيءَ اميد سان مدد ڪرڻ ته اُن جو بدلو ملندو. ________

5) هيٺ ڏنل ڪهڙين حالتن ۾ هڪڙي ماڻهو جو قول ان جي اعمالن کان مختلف آهي؟

ڪو ورجائيندو رهندو آهي ته اسان سڀني ڪي متحد رهڻ گهرجي پر ان انداز ۾ ورتاءَ ڪندو آهي جنهن مان بگاڙ پيدا ٿيندو آهي. ________

ڪوبه پاڪيزه زندگي جي قدرن جي تعريف ڪري ٿو پر ان جي ٻاهرين رشتن ۾ جنسي تعلق رکندو آهي. ________

ڪوهڪ اهڙي مذهبي عقيدي جو اقرار ڪندي ڪڏهن ڪڏهن شراب پئي ٿو جنهن ۾ ان ڪي پيئڻ جي منع آهي. ________

ڪو مرد ۽ عورت جي برابري جي حمايت ڪري ٿو پر واپاري جي حيثيت سان عورتن ڪي ان جو اجر مردن کان گهٽ ادا ڪري ٿو. ________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

6) ڇا ڪنهن بهآئي لاءِ جائز آهي ته هو ٻين جي اڳيان پنهنجن ڏوهن جو اقرار ڪري معافي گهري ؟________________________________

7) ٻين جي اڳيان گناهن جو اقرار ڪري توبه ڪرڻ بدران اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

________________________________

8) ”هيڪڙائي جي پُر جلال آسمان“ جو ڇا مطلب آهي؟ ________________

9) دنيا تي بُرن عملن جا ڪهڙا اثر پوندا؟ ________________________

________________________________

10) جيڪي ماڻهو بُرا ڪم ڪن تا خود انهن تي اُن جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟________

________________________________

## حصو: 3

هاڻ هيٺ ڏنل مقدس تحريرن مان اقتباسن کي پڙهو ۽ انهن تي غور ڪريو پوءِ انهن کي زباني ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

**”سچ ڳالهائڻ سڀني انساني خوبين جو بنياد آهي“** (6)

1. سڀني انساني خوبين جو بنياد ڇا آهي؟ ________________________

________________________________

**”سچ ڳالهائڻ کانسواءِ ڪنهن به نفس جي لاءِ خدا جي سڀني جهانن ۾ ترقي ۽ ڪاميابي ممڪن نه آهي.“** (7)

2. سچ ڳالهائڻ جي عادت کانسواءِ ڇا ممڪن ڪونهي؟ ________________

________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**”اي انسانو! پنهنجين زبانن کي سچ سان سنواريو، پنهنجي نفس کي ديانت داري جي زيور سان سينگاريو“** (8)

3. اسين پنهنجي زبانن کي ڪهڙي شيءِ سان سنواريون؟ ____________________

____________________

4. اسين پنهنجي نفس کي ڪهڙي شيءِ سان سينگاريون؟ ____________________

____________________

**”پنهنجي نظر کي باحياءِ پنهنجن هٿن کي امانتدار، پنهنجي زبان کي سچار ۽ پنهنجي دل کي روشن خيال بڻايو.“** (9)

5. اسان جي نظر ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ ________ اسان جا هٿ؟ ________ اسان جي زبان؟________اسان جي دل؟ ________

**”اهي جيڪي خدا جي خيمي ۾ رهن ٿا ۽ هميشہ قائم رهندڙ جلال جي تخت تي قائم آهن هميشہ پنهنجن هٿن کي پنڻ ۽ پنهنجي پاڙيسري جي ملڪيت تي قبضي ڪرڻ کان ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا چاهي اهي ڪيترائي خراب ۽ بيڪار ڇو نہ هجن.“** (10)

6. اسين جيڪڏهن بُک وگهي مري رهيا هوندا تہ بہ هو ڇا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا؟

____________________

____________________

## حصو: 4

جيئن تہ توهان حصي 2 ۾ محسوس ڪيو هوندو تہ مشقن مان ڪجهہ سنئي سڌي جوابن جي گهر ڪندا آهن. اهڙي صورت ۾ اوهان جو ٽيوٽر نتيجي تائين پهچڻ ۾ اوهان جي مدد ڪري سگهي ٿو. ٻين مشقن لاءِ ڏنل موضوع تہ ڳالھ ٻول ڪرڻ ئي اهم آهي ۽ ٽيوٽر شريڪ ٿيندڙن

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

جي الڳ الڳ جوابن کي قبول ڪري سگھي ٿو. مثال طور هيٺ ڏنل مشق ۾ سوال 3 پھرئين قسم جي سوالن سان آهي. جڏهن ته سوال 6 جو تعلق ٻئي قسم سان آهي.

I. سچ ڳالھائڻ سيني انساني خوبين جو بنياد آهي. پنج انساني خوبيون لکو؟ ___________

___________

___________

___________

II. ڇا اسان اهي خوبيون سچائيءَ کان سواءِ حاصل ڪري سگھون ٿا؟ ___________________

___________

III. فيصلو ڪريو ته هيٺ ڏنل بيان صحيح آهن يا غلط.

- ________جيڪڏهن ڪو شخص ڪوڙ ڳالھائي ته به هو انصاف وارو ٿي سگھي ٿو.
- ________امانت دار هٿ ڪڏهن به ان شئي کي هٿ نه لڳائيندا جيڪا ان جي نه آهي.
- ________جيڪڏهن ڪو شخص چوري ڪري ته به اُن جا هٿ امانت دار آهن.
- ________فحش مواد کي ڏسڻ يا پڙهڻ حضرت بهآءُالله جي تعليم جي خلاف آهي. جيڪڏهن ڪو شخص انهن کي پڙهي ٿو ته به سندس اکيون باحياءِ آهن.
- ________سچ ڳالھائڻ جو مطلب ڪوڙ نه ڳالھائڻ آهي.
- ________ايمانداري روح جو زيور آهي.
- ________هڪ شخص جيڪو سچ نٿو ڳالھائي اهو به روحاني طور تي ترقي ڪري سگھي ٿو.
- ________ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ ڳالھائڻ صحيح آهي.
- ________جيڪڏهن اهو سوچي انسان ڪنهن جي ڪا به شيءِ کڻي وٺي ته بعد ۾ واپس ڪندس چوري نه آهي.

## روح جي زندگي تي غور و فکر

- _________جڏهن اسين ايمانداري سان ڪم ڪندا آهيون، انصاف ڪندا آهيون ۽ سچ ڳالهائيندا آهيون تہ اسان جا دل روشن خيال ٿيندا آهن.
- _________معمولي دوکي جي بغير ڪاروبار جي ڪامياب ڪرڻ ممڪن نہ آهي.

IV. چا پنهنجي پاڻ سان ڪوڙ ڳالهائڻ ممڪن آهي؟ ___________________________________

V. جڏهن اسان ڪوڙ ڳالهائيندا آهيون تہ ڇا وڃائيندا آهيون؟ ____________________________

____________________________________________________________________________

VI. جيڪڏهن اسان سڀ سچا ۽ ايماندار ٿي وڃون تہ دنيا ڪهڙي ٿي ويندي؟________________

____________________________________________________________________________

____________________________________________________________________________

## حصو: 5

هيٺ ڏنل بيانن جو مطالعو ڪريو ۽ هن کي زباني ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. مقدس تحريرن مان ورتل حصن کي زباني ياد ڪرڻ گهڻو فائديمند هوندو آهي ۽ توهان کي گهرجي تہ ائين ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريو پوءِ بہ ڪجھ ماڻهن لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن سبب زباني ياد ڪرڻ ممڪن نہ هوندو آهي. جيڪڏهن توهان کي اهڙي طرح جي ڪا ڏکيائي هجي تہ توهان کي گهرجي تہ بيانن کي اهڙي طرح سني انداز ۾ سکون تا تہ توهان هن خيالن کي اهڙن لفظن ۾ بيان ڪري سگهو جيڪا اصل متن جي تمام ويجهو هجي.

**”نرم زبان ماڻهن جي دلين لاءِ چقمق آهي. اها روح جي غذا آهي. اها اکرن کي معنيٰ جي پوشاڪ پهرائي ٿي. اها حڪمت ۽ دانائي جي روشني جو سرچشمو آهي.“**

-1 نرم زبان کي ڇا چئي سگهجي ٿو؟ _________________________________________

____________________________________________________________________________

-2 نرم زبان جو لفظن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟ ____________________________________

____________________________________________________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**”اي خدا جا پيارا! هن مقدس دور ۾ جهيڙي جهٽي جي ڪنهن بہ صورت ۾ اجازت ناهي. هر اگرائي ڪندڙ پاڻ کي خدا جي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيندو.“** (12)

-3 هن بيان جي مطابق هن دور ۾ ڇا ڪرڻ منع آهي؟ ________________________________

________________________________________________________________

-4 اڳرائي ڪرڻ وارو پاڻ کي ڪهڙي ڳالھ کان محروم ڪندو آهي؟ ________________________

________________________________________________________________

**”اڄوڪي ڏينهن خدا جي پيارن جي وچ ۾ جهڳڙن، تڪرار، رنجش ۽ نفرت کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ امرالله کي نقصان نٿي پهچائي سگهي.“** (13)

-5 امرالله کي ڪهڙي صورتحال سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچائي ٿي؟ ______________________

________________________________________________________________

**”توهان فقط لفظن وسيلي دوستي جي اظهار تي مطمئن نہ ٿي ويهو بلڪ جنهن بہ ماڻهو سان توهان جي ملاقات ٿئي انهن سيني لاءِ پُر محبت مهرباني سان پنهنجي دلين کي ٻاريو.“** (14)

-6 اسين ڪهڙي قسم جي دوستي کان مطمئن ٿي نہ ويهون؟ ________________________

________________________________________________________________

-7 اسان جي دل ڪهڙي شيءِ سان پريل هئڻ کپي؟ ____________________________________

________________________________________________________________

**”جڏهن جنگ جو خيال پيدا ٿئي تہ امن جي هڪ شديد تر خواهش سان ان جي مخالفت ڪريو. نفرت جي خيال کي محبت جي هڪ وڌيڪ طاقتور خيال وسيلي تباھ ڪرڻ کپي.“** (15)

-8 جنگ جي خيال جو مقابلو ڪهڙي ريت ڪيو وڃي؟ ________________________________

________________________________________________________________



## بهائي مقدس تحريرن کي سمجهڻ

-9 نفرت جي خيال کي ڪهڙي شيءِ سان مٽايو وڃي؟____________________________

______________________________________________

## حصو: 6

مٿي ڏنل اقتباسن کي ذهن ۾ رکي هيٺ ڏنل مشقون حل ڪريو.

-1 هڪ نرم ۽ شفيق زبان ڪنهن شيءِ کي ڇڪي ٿي؟ ____________________________

______________________________________________

-2 فيصلو ڪريو ته ڇا هيٺ ڏنل جملا هڪ مهربان زبان سان ڇيل آهن.

- ❖ ________ مون کي تنگ نه ڪريو.
- ❖ ________ آخر اوهان اها ڳالهه ڇو نٿا سمجهو.
- ❖ ________ ڇا اوهان مهرباني ڪري ٿورو انتظار ڪندا؟
- ❖ ________ اڙي! ڪيترا نه شيطان ٻار آهن.
- ❖ ________ مهرباني، اوهان وڏا مهربان آهيو.
- ❖ ________ مون کي هيئر واندڪائي ڪانهي آءٌ گهڻو مصروف آهيان.

-3 هيٺ ڏنل صورت حال جهڙي جهڙي ڏانهن اشارو ڪري ٿي يا نه؟

- ➢ ________ ڪنهن مشورت دوران ٻه ماڻهو الڳ الڳ خيالن جو اظهار ڪندا آهن.
- ➢ ________ مشورت جي دوران ٻه ماڻهو بگڙي وڃن ٿا ۽ پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳن.
- ➢ ________ ٻه ماڻهو هر هفتي دعاءِ جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ بند ڪري ڇڏين ٿا ڇو ته هو هڪ ٻئي سان نه ڳالهائيندا آهن.
- ➢ ________ هڪ مهم ۾ تعاون ڪرڻ واري ٽيم شڪايت ڪندي رهندي آهي ته هر هڪ اهو چوندو آهي ته ٻيو پنهنجو ڪم ادا نه ٿو ڪري.

-4 ڪهڙي صورت حال رنجش ظاهر ڪري ٿي؟

- ○ ________ روڊ تي ٻه دوست هڪٻئي جي ويجهو گذري وڃن ٿا پر هو هڪٻئي کي نظرانداز ڪن ٿا.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

- ________ ڪو شخص دعا جي جلسي ۾ اچي ٿو ۽ هر ڪو هن جو گرم جوشي سان استقبال ڪري ٿو.
- ________ هڪڙي گروپ جا ٻه ماڻهو ملي ڪري ڪنهن مهم ۾ حصو نه ٿا وٺن ڇو ته هو هڪ ٻئي کان ڪاوڙيل آهن.

-5 هيٺين جملن جي صحيح يا غلط هجڻ جو فيصلو ڪريو.

- ________ انسان کي ٻين جي باري ۾ اهوئي چوڻ گهرجي جيڪو هو سوچي ٿو. ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪرڻ کپي ته ان سان ان جي دل ٽٽندي.
- ________ جهيڙي کان بچڻ لاءِ جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائڻو پوي ته صحيح آهي.
- ________ محبت ۽ مهرباني سان جهڳڙن کي روڪي سگهجي ٿو.
- ________ جيڪڏهن محبت سان چيو وڃي ته لفظن جو اثر وڏي وڃي ٿو.
- ________ جيڪڏهن ٻيو غلطي تي هجي ته ان سان جهڳڙو ڪرڻ صحيح آهي.
- ________ جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار يا مايوس هجي ته اُن کي ٻين سان سخت ڳالهائڻ جو حق آهي.
- ________ جيڪڏهن ڪو ٻيو غلطي ڪري ته ان تي ٺٺولي ڪرڻ مهرباني ڪونهي.
- ________ جڏهن دوستن وچ ۾ رنجش هجي ته هر هڪ ڪوشش ڪري ته هڪٻئي جي ويجها اچن.
- ________ جڏهن دوستن وچ ۾ رنجش هجي ته هر هڪ کي انتظار ڪرڻ کپي ته ٻيو نهڻ جي ڪوشش ڪري.

## حصو: 7

هيٺ ڏنل اقتباسن جو مطالعو ڪيو ۽ انهن کي زباني ياد ڪريو.

**”ڳِلا دل جي روشني کي وسائي ڇڏيندي آهي ۽ روح جي حياتي کي مٽائي ڇڏيندي آهي.“** (16)

**”جيستائين تون پاڻ گنهگار آهين ڪنهن جي به گنان جو ذڪر نه ڪر.“** (17)

**”ڪنهن کي به بُرو نه چئو ته جيئن تون به بُرو نه ٻڌين، ٻين جي عيبن کي وڏو نه سمجهه ته جيئن تنهنجو عيب به وڏو ڏسڻ ۾ نه اچي.“** (18)

-23

## بهائي مقدس تحريرن کي سمجهڻ

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**”اي فرزند هستي! تو پنهنجا عيب ڇو وساري ڇڏيا ۽ منهنجي بندن جا عيب ڪڍڻ ۾ لڳي وئين، جيڪو انسان ائين ڪري ٿو ان تي منهنجي لعنت وسي ٿي.“** (19)

1) گلا ڪرڻ واري تي گلا جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو.؟________________

________________

2) ٻين ماڻهن جي گناهن بابت سوچڻ کان اڳ ۾ اسان کي ڪهڙي ڳالهه کان خبردار رهڻ کپي.؟________________

________________

3) جيڪڏهن اسان ٻين جي غلطين کي وڏو ڪنداسين ته اسان سان ڇا ٿيندو؟ ________________

________________

4) ٻين جي خطائن بابت سوچڻ کان پهرئين اسان کي ڇا ياد رکڻ گهرجي؟ ________________

________________

## حصو: 8

مٿي ڏنل اقتباسن کي ذهن ۾ رکي هيٺ ڏنل مشق حل ڪريو.

1. جيڪو ٻين جي غلطين تي نظر رکي ٿو ان ماڻهو جي روح جي ترقي تي اُن جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟ ________________

________________

2. ڪنهن سماج تي گِلا ڪرڻ جو ڪهڙو اثر پوندو؟ ________________

________________

3. جڏهن ڪو دوست توهان جي آڏو ٻئي جي غلطين جو ذڪر شروع ڪندو آهي ته توهان ڇا ڪندا آهيو؟ ________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

فيصلو ڪريو تہ هيٺ ڏنل بيان صحيح آهن يا غلط.

- ________جڏهن اسان ڪنهن شخص جي حقيقي غلطين جو ذڪر ڪريون ٿا تہ اِها ڳِلا ڪرڻ ناهي.
- ________جيڪڏهن اسان ڪنهن شخص جي چڱائي ۽ برائي گڏوگڏ بيان ڪريون ٿا تہ اِها گلا ڪرڻ ناهي.
- ________ڳِلا ڪرڻ اسان جي سماج جو هڪ رواج بڻجي ويو آهي. اسان کي انهيءَ عادت کان بچڻ گهرجي.
- ________جيڪڏهن ٻئڻ وارو واعدو ڪري تہ اسان جنهن ماڻهو بابت جيڪا ڳالهہ ڪريون تہ اُهو ان جو ذڪر ڪنهن ٻئي سان نہ ڪندو تہ پوءِ ڳِلا ڪرڻ جو ڪو نقصان ناهي.
- ________جيڪڏهن اسان هميشہ ٻين بابت ڳالهيون ڪرڻ کي عادت بنائي ڇڏيون تہ اُن مان اهو خطرو آهي تہ اسين ڳِلا ڪرڻ لڳنداسين.
- ________گلا ڪرڻ اتحاد جو دشمن آهي.
- ________جڏهن محفل روحاني ۾ ان لاءِ مختلف ماڻهن جي صلاحيت بابت ڳالهايون ٿا تہ انهن کي ڪا خاص ذميواري ڏني وڃي تہ اها ڳِلا آهي.
- ________جيڪڏهن اسان جي دل غيبت ڪرڻ کي گهڻو چاهي تہ اسان کي کپي تہ پاڻ پنهنجين خامين بابت سوچيون.
- ________جيڪڏهن اسان کي خبر پوي تہ ڪو شخص هڪ اهڙو ڪم ڪري پيو جيڪو امرالله يا سماج کي نقصان پهچائيندو تہ اسان کي کپي تہ ٻين ماڻهن سان ان جو ذڪر ڪريون.
- ________جڏهن اسان کي خبر پوي تہ ڪو شخص ڪو بہ اهڙو ڪم ڪري پيو جنهن ڪري امرالله يا سماج کي نقصان پهچي رهيو آهي تہ اسان کي کپي تہ محفل روحاني کي اطلاح ڪريون.
- ________زال ۽ مڙس ڪنهن ٻئي جي غلطين جو پاڻ ۾ ذڪر ڪن تہ اُن ۾ ڪو حرج ڪونهي، ڇو تہ هو هڪٻئي جا همراز آهن ۽ انهن کي ڪا ڳالهہ هڪٻئي کان لڪائڻ نہ گهرجي.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

## حصو 9

هن يونٽ جو مقصد، جهڙي طرح شروع ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. شريڪن کي ڪلام الاهي مان روزانو عبارتن کي پڙهڻ ۽ ان جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جي عادت کي مضبوط بنائڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. اسان جي روحاني ترقي جو سبب هر روز صبح ۽ شام آيات الاهي کي پڙهڻ ۽ حضرت بهاء الله جي هڪ تعليم آهي.

هيٺ ڏنل عبارت هن فرض جي ادا ڪرڻ سان حاصل ڪرڻ واري عنايتن جي ياد ڏياريندي آهي ۽ اوهان کي ياد رکڻ جي لاءِ تشويق ڪندي آهي.

**”منهنجي ڪلمات جي سمنڊ ۾ غوطو لڳاءِ ته جيئن تون شايد هن جي اثر کان آگاهه ٿي سگهين ۽ حڪمت جي انهن تمام موتين کي حاصل ڪري سگهين جيڪي هن جي گهراين ۾ لڪل آهن.“** (20)

هن يونٽ کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هاڻي توهان چاهيو ٿا ته اوهان وٽ حضرت بهاءُ الله جو ڪلام موجود هجي ۽ توهان هن مان هر روز تلاوت ڪري سگهو. ڪتاب (ڪلمات مڪنونه) هڪ سٺي پهرين پسند ٿي سگهي ٿي.

## ڪتاب

1- حضرت بهاء الله، حضرت شوق آفندي ”دي ايڊونٽ آف ڊوائين جسٽس“ (ويلميٽ: بهائي پبلشنگ ٽرسٽ 1990) ۾ حوالو ڏنو ويو. صفحه 24-25
2- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب ڪيل اقتباس نمبر 139.8
3- حضرت بهاءُ الله ڪلمات مڪنونا (عربي) نمبر 31
4- ايضاً (فارسي نمبر 5)
5- ايضاً (فارسي نمبر 69)
6- حضرت عبدالبهاء، دي ايڊونٽ آف ڊوائين جسٽس، نمبر 40
7- ايضاً
8- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 136.6
9- الواع حضرت بهاء الله جيڪي ڪتاب اقدس ڪان پوءِ نازل ٿيا نمبر 9.5
10- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 137.3
11- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 132.5
12- حضرت عبدالبهاء، الواع وصايه
13- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 5.5
14- حضرت عبدالبهاء، خطابات پيرس 1911
15- ايضاً، صفحه 22
16- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 125.3
17- حضرت بهاء الله، ڪلمات مڪنونا (عربي) نمبر 27
18- ايضاً (فارسي) نمبر 44
19- ايضاً (عربي) نمبر 26
20- حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس، نمبر 70.2

**روح جي زندگي تي غور و فڪر**

يونٽ 2



# دعا مناجات

مقصد:

دعا مناجات جي اهميت کي سمجهڻ ۽ دعا جي باري ۾ ضروري روين کي مسلسل پروان چڙهائڻ.

## حصو1

روحي انسٽيٽيوٽ نصاب جو مقصد شريڪ ٽيندڙ کي خدمت جي راھ تي گامزن ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. ٻئي مقصد جو احساس اسان کي هن رستي تي هلڻ جي لاءِ متحرڪ ڪندو آهي. روحاني ۽ فطري طور تي ترقي ڪرڻ ۽ سماج جي ڪايا پلٽ ۾ شرڪت ڪرڻ. اسان جي مقصد جا هي ٻہ پهلو هڪ ٻئي جي لاءِ لازمي آهن.

حضرت بهاء الله هڪ بيان ۾ اسان کي هي نصيحت ڪرڻ فرمائين ٿا:

**”پنهنجو پاڻ کي صرف پنهنجي ئي دلچسپين ۾ مصروف نہ رکو! پنهنجي خيالن کي ان ڳالھ تي جمڻ ڏيو جيڪي انسان ذات جي تقدير کي ٺاهيندي ۽ ماڻهن جي دلين ۽ روحن کي پاڪيزه ڪندي.“** (1)

ٻئي بيان ۾ پاڻ وضاحت ڪرڻ فرمائين ٿا:

**”هي مظلوم گواهي ڏي ٿو تہ اهو مقصد جنهن لاءِ فاني انسانن صرف نيستي مان هستي جي ميدان ۾ قدم رکيو آهي اهو هي آهي تہ دنيا جي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهن ۽ اتفاق ۽ امن سان ملي جلي رهن.“** (2)

اسان جي باطني حالت جي حوالي سان پاڻ اعلان فرمايو آهي:

”خالص دل آئيني وانگر هوندي آهي. ان کي پاڪ محبت ۽ بي نيازي جي هيڪل جي ذريعي الله کان سواءِ هر شئي کان پاڪ ڪر تہ جيئن حقيقي آسمان جلوو ڏيڪاري ۽ اذلي صبح ظاهر ٿئي.“ (3)

۽ حضرت عبدالبهاء اسان کي فرمائين ٿا:

”توهان جا دل پاڪ توهان جا ارادا نيڪ هجڻ گهرجن تہ جيئن توهان ملڪوتي عنايتون حاصل ڪري سگهو.“ (4)

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

1. اسان جي سوچ ۽ ضرورتن جو مرڪز ڇا هجڻ گهرجي؟____________________________

____________________________________________________________

2. ڪهڙي مقصد جي ڪري اسين انتهائي نيستي مان وجود جي جهانن ۾ داخل ٿيندا آهيون؟

____________________________________________________________

____________________________________________________________

3. اسان کي پنهنجي دل جي شيشي کي ڪهڙي شئي کان پاڪ رکڻ گهرجي؟___________

____________________________________________________________

4. اهي ڪجهه حالتون ڪهڙيون آهن جيڪي ملڪوتي عطين کي ڪشش ڪرڻ جو سبب آهن؟

____________________________________________________________

____________________________________________________________

5. ڇا هنن مان ڪو صحيح آهي؟

- ________ پهرين توهان کي پنهنجو خيال رکڻ گهرجي پوءِ توهان ٻين جي سار سنڀال ڪري سگهو ٿا.
- ________جيڪڏهن توهان هر وقت ٻين جي مدد ۾ لڳا رهندا ته پنهنجي مقصد کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا.
- ________توهان پنهنجي پاڻ جا ويجها دوست آهيو.
- ________توهان کي ڪهڙي شئي خوش ڪندي آهي اهو ڳولڻ تمام گهڻو اهم آهي.
- ________توهان پنهنجي خوابن جي پويان هلو اهي اوهان کي خوشي جي طرف وٺي ويندا.
- ________ان وقت تائين جيستائين توهان ڪنهن کي تنگ نه ڪري رهيا هجو، ان سان ڪوبه فرق نه ٿو پوي ته توهان ڇا ڪري رهيا آهيو.
- ________توهان جا خود غرضي وارا مقصد ان وقت تائين صحيح آهن جيستائين توهان ڪجهه سٺا ڪم ڪري رهيا آهيو.

## حصو ـ 2

هڪ يقين جيڪو اسان جي ﭴي مقصد جو مرڪز آهي اهو هي آهي تہ اسان کي شريف پيدا ڪيو ويو آهي.

**”اي فرزند هستي! مون توکي غني ٺاهيو آهي. محتاج ڇو ٿو ٿين؟ مون توکي عزتدار ٺاهيو آهي ذليل ڇو ٿو ٿين؟ مون تو کي پنهنجي علم جي جوهر مان ظاهر ڪيو آهي مون کان سواءِ ٻين کان علم جي طلب ڇو ٿو ڪرين؟ پنهنجي محبت جي مٽي مان ڳوهيو آهي، مون کان سواءِ ٻين سان دل ڇو ٿو لڳائين؟ تون پنهنجي طرف ڏس تہ جيئن تون مون کي پنهنجي اندر قائم، قادر، مقتدر ۽ قيوم حاصل ڪري سگهين.“** (5)

هيٺ ڏنل خالي جايون ڀرڻ سان هن عبارت تي غور ڪرڻ ۾ توهان کي مدد ملندي.

اي فرزند روح! مون توکي ________ٺاهيو آهي،________ڇو ٿو ٿين؟ مون توکي ________ ٺاهيو آهي، ________ ڇو ٿو ٿين؟ مون توکي پنهنجي ________ ________ سان ________ ڪيو آهي، ________ کان سواءِ ٻين کان ڇو ________ڪندو آهين، پنهنجي ________ جي مٽي سان مون توکي ________ آهي،________ سان ڇو ________؟پنهنجي ________ تہ جيئن تون ________ پنهنجي اندر ________، ________، ________ ۽ ________ حاصل ڪرين.

پنهنجي روحن جي شرافت جي حقيقت کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي وجود جي مرڪز جي طرف رجوع ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان آگاهي جي جستجو ڪرڻ گهرجي. ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سيني متاثر ڪندڙ طريقن مان هڪ دعا و مناجات آهي. حضرت شوقي آفندي ولي عزيز امر الله اسان کي ٻڌائين ٿا تہ روحاني صفتن ۽ قوتن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو انفرادي ۽ سماجي ترقي آهي. هي اسان جو روح ئي آهي جنهن کي سڀ کان ڀهرين غذا ڏيڻي آهي ۽ هي روحاني غذا سڀ کان بهتر دعا و مناجات ۽ نماز مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي.

## حصو:3

الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو صاحب حڪمت آهي. ان اسان کي پيدا ڪيو ۽ هو ڄاڻي ٿو ته اسان جي دلين ۾ ڇا آهي؟ ۽ اسان جي لاءِ ڇا بهتر آهي. ان ڪري اسان جي دعائن جي ڪابه ضرورت نه آهي. پوءِ اسين دعا ڇو گهرندا آهيون؟

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا ته:

**”دعا جو اعليٰ ترين درجو هي آهي ته انسان خدا جي ڊپ يا جهنم جي خوف يا خدا جي فضل ۽ جنت جي اميد جي لاءِ نه پر صرف خدا جي محبت خاطر گهرندو آهي. جڏهن هڪ شخص ٻئي شخص سان محبت ڪندو آهي ته هو پنهنجي محبوب جو نالو وٺڻ کان سواءِ نه ٿو رهي سگهي. پوءِ ان شخص جي لاءِ جيڪو خدا سان پيار ڪندو آهي ان جو نالو وٺڻ کان سواءِ رهڻ ڪيتري قدر ڏکيو آهي.... روحاني انسان خدا جي ذڪر کان سواءِ ٻي ڪنهن به شئي ۾ خوشي حاصل نه ٿو ڪري.“** (7)

۽ هڪ سوال جي جواب ۾ پاڻ فرمايو ٿا ته:

**”جيڪڏهن هڪ دوست پنهنجي دوست سان محبت ڪندو آهي ته ڇا هي فطري ڳالھ نه آهي ته هو هن جي اظهار ڪرڻ جو خواهشمند به هجي؟ ڇاڪاڻ ته هو ڄاڻي ٿو ته ان جو دوست ان جي محبت کان واقف آهي تڏهن به هو ان کي هي ڳالھ ٻڌائڻ نه ٿو چاهي؟ سچ آهي ته خدا سيني دلين جي خواهشن کان واقف آهي!پر دعا گهرڻ جي خواهش هڪ فطري جذبو آهي جيڪو انسان جي خدا سان محبت جو نتيجو آهي.“** (8)

1. هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو

أ. دعا جو ________ درجو هي آهي ته انسان خدا جي ______ يا ______ جي خوف سان يا خدا جي ________ ۽ ________ جي اميد جي لاءِ نه پر صرف خدا جي ________ جي خاطر ________ گهرندو آهي.

ب. جڏهن هڪ ______ هڪ ٻئي ________ سان محبت ڪندو آهي ته هو پنهنجي ________ جو نالو وٺڻ بغير نٿو رهي سگهي. پوءِ ان شخص جي لاءِ جيڪو خدا

## روح جي زندگي تي غور و فکر

سان ___________ ڪندو آهي ان جو ___________ وڻڻ ڪان ________ ڪيتري قدر ___________ آهي.

ج. روحاني انسان __________ ڪانسواءِ پنهنجي ڪنهن شيءِ ۾ ___________ نٿو حاصل ڪري.

2. اسين دعا ڇو گهرندا آهيون؟___________________________________________

_____________________________________________________________

3. ذڪر الاهي مان ڇا مراد آهي؟__________________________________________

_____________________________________________________________

4. هڪ شخص جيڪو ٻي شخص کي چاهيندو آهي ان جي دلي خواهش ڇا هوندي آهي؟___________________________________________________

_____________________________________________________________

5. دعا ڪرڻ جي خواهش ڪٿان ايرندي آهي؟________________________________

_____________________________________________________________

## حصو _ 4

حضرت بهاءالله جي نازل ٿيل ڪلام ۾ اسين پڙهندا آهيون:

**”آئون توکي التجا ڪيان ٿو تہ ... تون منهنجي نماز کي اهڙي باھ بڻائي ڇڏ جيڪا انهن پردن کي ساڙي ڇڏي جيڪي مون کي تنهنجي جمال جي جلوي جي ديدار کان روڪي رهيا آهن ۽ منهنجي نماز کي اهڙو نور بڻائي ڇڏ جيڪو مونکي تنهنجي محبت جي درياءَ جي طرف وٺي وڃي“** (9)

هن دعا ۾ اسين خدا کي التجا ڪندا آهيون:

**”اي منهنجا پروردگار! منهنجي نماز کي زندگي جو آبِ ڪوثر بڻائي ڇڏ تہ جيئن ان جي ذريعي منهنجي هستي تنهنجي دائمي حڪومت سان گڏ هميشہ رهي ۽ تنهنجي هر هڪ عالم ۾ منهنجو وجود تنهنجي ياد ڪندو رهي“** (10)



## دعا مناجات

## روح جي زندگي تي غور و فکر

(1) نماز ۽ دعا ڪهڙي طرح باهه وانگر ٿي سگهي ٿي؟ هي ڪهڙي شيءِ ڪي ساڙيندي آهي؟

______________________________________________

(2) ڪجهه اهڙن پردن جو ذڪر ڪيو جيڪي اسان کي الله کان پري ڪري ڇڏيندا آهن؟______

______________________________________________

(3) ڇا نمازِ دعا نور وانگر ٿي سگهي ٿي؟ هي ڪهڙي طرف هدايت ڪندي آهي؟__________

______________________________________________

(4) ڇا نماز زندگي جو آبِ ڪوثر ٿي سگهي ٿي؟ هي اسان جي روحن تي ڪهڙيون عنايتون ڪندي آهي؟______________________________

______________________________________________

## حصو 5

حضرت عبدالبهاءَ جي مبارڪ بيان مان هيٺ ڏنل اقتباس کي پڙهو ۽ ان تي غور ڪيو:

**”عالم خلق ۾ دعا کان وڌيڪ مٺي ڪابه شيءِ نه آهي. انسان کي گهرجي ته هو دعا جي حالت ۾ زندگي گذاري. سڀ کان مبارڪ حالت دعا و مناجات جي حالت آهي. دعا خدا سان ڳالهه ٻولهه آهي سڀ کان وڏي ڪاميابي ۽ سڀ کان مٺي حالت ان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي ته خدا سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي. هي روحانيت، شعور ۽ روحاني احساسن کي پيدا ڪندي آهي، ملڪوتِ الاهي جي ڪشش جو سبب ٿيندي آهي ۽ اعليٰ مقام جي خواهش کي سجاڳ ڪندي آهي.“** (11)

(1) عالم خلق ۾ سڀ کان مٺي حالت ڪهڙي آهي؟______________________

______________________________________________

(2) ”دعا جي حالت“ جو ڇا مطلب آهي؟______________________

______________________________________________

(3) ڪجهه اهڙين ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو جيڪي دعا ڪرڻ سان پيدا ٿينديون آهن؟__________

______________________________________________

(4) توهان انهن ڪجهه حصن ۾ جيڪي اقتباس پڙهي چڪا آهيو انهن جو جائزو وٺو ۽ دعا جي فطرت جي باري ۾ پنج عبارتون لکو.

دعا ______________________ آهي.

دعا _______________________________ آهي.
دعا _______________________________ آهي.
دعا _______________________________ آهي.
دعا _______________________________ آهي.

## حصو _ 6

هيٺ ڏنل حضرت بهاءالله جي فرمان کي پڙهو ۽ ان تي غور ڪيو:

**”اي منهنجا بندا جيڪي آيات الاهي توڪي مليون آهين انهن کي اهڙي طرح لئي ۽ سر سان پڙهہ جيئن ڏٺي جو قرب حاصل ڪرڻ وارن پڙهيو هو تہ جيئن تنهنجي نغمي جي مناڻ تنهنجي روح کي روشن ڪري ڇڏي ۽ سيني ماڻهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي. جيڪو بہ پنهنجي ڪمري جي اڪيلائي ۾ خدا جي آيتن کي سر سان پڙهندو تہ قادر مطلق جا فرشتا ان جي منهن مان نڪتل لفظن جي سڄي دنيا ۾ پکڙي ڇڏيندا ۽ هر پاڪيزا انسان جي دل کي اثر ڪندا. پهلي شروع ۾ اهي ان جي اثرن کي محسوس نہ ڪن پوءِ بہ خدا جي فضل مان جيترو حصو ان جي لاءِ مقرر آهي، جلدي يا دير سان ان جي روح تي پنهنجو اثر ظاهر ڪندو. ان ريت خدا جي وحي جون رمزون ان جي ارادي سان ظاهر ٿيون آهن جيڪو طاقت ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي.“** (12)

(1) لئي ۽ سر جو ڇا مطلب آهي؟_______________________________

_______________________________

(2) اسان کي خدا جي آيتن کي ڪهڙي طرح لئي ۽ سر سان پڙهڻ گهرجي؟_______________

_______________________________

(3) تلاوت جو ڇا مطلب آهي؟_______________________________

_______________________________

(4) پکيزڻ جو مطلب ڇا آهي؟ _______________________________

_______________________________

(5) اسان جي نغمي جي مناڻ اسان جي روح تي ڪهڙو اثر ڇڏي ٿي؟_______________

_______________________________

## حصو _ 7

حضرت بهاءالله جي نازل ٿيل ڪلام ۾ اسين پڙهو ٿا:

**”اي منهنجا خدا! اي منهنجا خدا! تون منهنجي خواهشن ۾ منهنجي ڪمن کي نہ ڏس، پر پنهنجي ان ارادي تي نظر فرماءِ جنهن سيني آسمانن ۽ زمينن کي گهيري ورتو آهي. اي سيني قومن جا مالڪ! تنهنجي اسم اعظم جو قسم آئون اهو چاهيان ٿو تہ جيڪو تون چاهين ٿو ۽ اهو پسند ڪيان ٿو جيڪو توکي پسند آهي.“** (13)

**”تون پاڪ آهين، تون ان ڳالھ کان مٿان آهين تہ مقرب ماڻهن جو ذڪر تنهنجي قرب جي آسمان تي چڙهي سگهي يا مخلص ماڻهن جي دلين جا پکي تنهنجي دروازي جي چائٺ تائين پهچي سگهن. آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ تون صفتن کان پاڪ ۽ نالن کان نيارو آهين. توکان سواءِ ڪوبہ خدا نہ آهي تون سڀ کان وڏيڪ برتر ۽ سڀ کان زياده روشن آهين.“** (14)

## حصو _ 8

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا :

**”انسان جي لاءِ مناسب آهي تہ هو خدا کان مدد طلب ڪري ۽ ان جي مدد جي لاءِ التجا ۽ دعا ڪري. خدمت ۽ عبادت جي مقام کي اهو ئي سونهي ٿو ۽ مالڪ جيڪو پسند فرمائيندو انهي جو حڪم پنهنجي مڪمل حڪمت جي مطابق لاڳو فرمائيندو آهي.“** (15)

**”روح جو اثر ٿئي ٿو: دعا روحاني اثر رکي ٿي. اسان دعا گهرون ٿا تہ اي خدا! هن بيمار کي شفا بخش. شايد خدا جواب ڏئي ڇڏي. ڇا ان لاءِ ڪو فرق پوي ٿو تہ ڪير دعا گهري ٿو؟ خدا پنهنجي هر بندي جي دعا جو جواب ڏيندو آهي جيڪڏهن دعا بلڪل فوري نوعيت جي هجي. هن جي رحمت وڏي آهي بي حساب آهي. هو پنهنجي سڀ بندن جي دعائن جو جواب ڏئي ٿو. هو ان ٻوٽي جي بہ ٻڌي ٿو، اهو ٻوٽو بنيادي طرح تي دعا گهري ٿو ”اي خدا! منهنجي لاءِ مينهن وسائي“ هو ان جي دعا جو جواب ڏئي ٿو ۽ ٻوٽو وڌو ٿئي ٿو. خدا هر هڪ جي دعا پوري ڪري ٿو.“** (16)

هي قدرتي ڳالھ آهي تہ اسين پنهنجن دعائن ۾ خدا کي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ چئي سگهون ٿا. اهڙي طرح اسين پنهنجي صحت ۽ پنهنجي پيارن جي صحت لاءِ دعا ڪندا آهيون، ۽ اسين پنهنجي خاندان جي روحاني ۽ مادي ترقي جي لاءِ دعاڳو ٿيندا آهيون ۽ اسين

هدايت جي لاءِ دعا ڪندا آهيون. اسين طاقت، ايمان ۽ خدمت جي راهه ۾ تائيدات جي لاءِ دعا ڪندا آهيون. خدا کان دعا ڪرڻ وقت يقيناً اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته زندگيءَ ۾ اسان جو مقصد پنهنجي مرضي کي هن جي مرضي جي مطابق ڪرڻ آهي. اهڙي طرح اسان تي لازم آهي اسين هن جي مرضي کي پورو ٿيڻ جي لاءِ دعا ڪيون ۽ ان جي لاءِ سر جهڪائڻ جي لاءِ تيار رهون.

جڪڏهن هيٺ ڏنل حضرت عبدالبهاء جي بيان کي ياد ڪندا آهيون ته اهو خوشي ۽ يقين ڏيارڻ جي مرڪز جو ڪم ڪندو.

**”اي خدا جي طرف متوجهه ٿيڻ وارا خدا کان سواءِ سڀني کان اکيو پوري ڇڏ ملڪوت ابهاء جي طرف اکيو لڳاءِ. جيڪو چاهين ٿو سو ان کان چاهه، جيڪو گهرڻو اٿئي ان کان گهر. هو پنهنجي هڪ نظر سان لکين ضرورتون پوريون ڪندو آهي ۽ پنهنجي هڪ ننڍڙي مهر سان لکين لاعلاج بيمارن کي شفا عطا فرمائيندو آهي. هن جي هڪ مهرباني جي نظر ئي زخم جي لاءِ مرهم بڻجي ويندي آهي هو دلين کي غم جي قيد مان رهائي عطا فرمائيندو آهي. جيڪو ڪجهه ڪندو آهي اهو ئي ڪندو آهي. اسين ڇا ٿا ڪري سگهون هو فاعل مختار ۽ حاڪم مطلق آهي. بس سر جهڪائي ۽ رحم ڪرڻ واري رب تي ڀروسو ڪر.“** (17)

## حصو_9

هيستائين اسان جيترو مطالعو ڪيو، ان مان هڪ ڳالهه واضح آهي ته دعا ۾ خدا جي طرف رجوع ڪرڻ شروعاتي زندگي جي هڪ اهم ضرورت آهي. صبح جو جاڳڻ سان گڏ ۽ رات جو سمهڻ کان پهرين خدا کان دعا ڪرڻ ڪيترو نه پيارو آهي. اسين دعا ۽ مناجات ۾ ڪيترو وقت لڳائيندا آهيون، ڪيتريون دعائون پڙهندا آهيون ان سڀ جو دارومدار اسان جي ضرورت ۽ روحاني اڄ تي آهي. هر موقعي تي اسين جيڪي دعائون ملاقات ڪندا آهيون انهن جو انتخاب اسين حضرت باب، حضرت بهاءَ الله يا حضرت عبدالبهاءَ جي عطا ڪيل دعائن مان ڪري سگهو ٿا. تنهنڪري حضرت بهاء الله ٽي نمازون به فرض ڪيون آهن.

حضرت شوقي آفندي فرمائين ٿا:

**”روزانو فرض نماز تعداد ۾ ٽي آهن. سڀ کان ننڍي صرف هڪ آيت تي مشتمل آهي ۽ ان چوويهه ڪلاڪن ۾ صرف هڪ دفعو ٻنپهرن جو ادا ڪرڻو هوندو آهي. وچين نماز جيڪا هن ڪلمي کان شروع ٿيندي آهي:**

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**”خدا ان جو گواهه آهي تہ ان کان سواءِ ڪو خدا نہ آهي.“ ان کي ادا ڪرڻ دوران ڪٿي جسماني عمل ۽ حرڪتون ڪرڻيون هونديون آهن. وڏي نماز جيڪا سڀ کان وڏي آهي ان کي چوويهہ ڪلاڪن ۾ صرف هڪ دفعو ادا ڪرڻو هوندو آهي. ان وقت جڏهن دل ان جي دوا ڪرڻ لاءِ راضي هجي.“**

**هو هن کي پوري آزادي حاصل آهي تہ انهن ٽنهن مان ڪابہ هڪ منتخب ڪري وٺي تنهنڪري ان تي فرض آهي تہ انهن ٽنهن مان ڪا هڪ لازمي ادا ڪري.**

**”انهن خاص هدايتن تي عمل ڪري جيڪي ان سان جڙيل آهن.“** (18)

۽ پاڻ وڌيڪ فرمائين ٿا:

**”انهن ڪجهہ نمازون ۽ ڪجهہ خاص دعائون مثال طور نوح احمد، ۽ دعا ۽ ثنا وغيره کي حضرت بهاءُ الله خاص قوت ۽ اهيمت بخسي آهي. ان جي لاءِ مومن تي لازمي آهي تہ هو ڪڏهن بہ نہ ٽٽندڙ يقين ۽ ايمان سان گڏ ان کي تلاوت ڪن تہ جيئن ان جي وسيلي هو خدا سان تمام ويجهو راز و نياز ڪري سگهن ۽ ان جي قانون ۽ اصولن سان گڏ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪري سگهن.“** (19)

حضرت بهاء الله جون ٽي فرض ڪيل نمازون انفرادي طور ادا ڪيون وينديون آهن. امر بهائي ۾ با جماعت نماز جيڪا ڪنهن مجموعي ۾ هڪ خاص رسم جي مطابق ادا ڪئي ويندي آهي موجود نہ آهي، جنازي جي نماز ئي صرف هڪ باجماعت نماز آهي جنهن حڪم بهائي قانونن ۾ آهي. ميت جي نماز اتي موجود ماڻهن ما ڪو هڪ تلاوت ڪندو آهي. ۽ جماعت جا باقي ماڻهو خاموش رهندا آهن.

1. فرض نماز مان ڇا مراد آهي؟________________________________________

____________________________________________________________

2. حضرت بهاء الله ڪيتريون فرض نمازون نازل فرمايون؟____________________

____________________________________________________________

3. ڇا اسان کي هر روز ٽي نمازون پڙهيون هونديون؟__________________________

____________________________________________________________

## دعا مناجات

4. جيڪڏهن اسين وڏي نماز ادا ڪرڻ چاهيون ٿا ته ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا پڙهون؟__________

______________________________

-5 جيڪڏهن اسين وچين نماز ادا ڪرڻ چاهيون ٿا ته ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا پڙهڻي هوندي؟

______________________________

-6 جيڪڏهن اسين ننڍي نماز ادا ڪرڻ چاهيون ٿا ته ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا پڙهڻي هوندي؟

______________________________

-7 ڪجهه اهڙين دعائن جا نالا ٻڌايو جن ۾ خاص متاثر رکيل آهي؟____________________

______________________________

8. جيڪڏهن توهان اجا تائين نه ڪئي آهي ته ننڍي نماز حفظ ڪيو:

**”اي منهنجا پروردگار آئون ڳالهه جي شاهدي ٿو ڏيان ته تو مون کي ان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي ته آئون توکي سڃاڻان ۽ تنهنجي ئي عبادت ڪريان. آئون هن وقت پنهنجي عاجزي ۽ تنهنجي قوت، پنهنجي فرمانبرداري ۽ تنهنجي سخاوت، پنهنجي ڪمزوري ۽ تنهنجي سگهه جو اقرار ٿو ڪريان. بيشڪ توکان سواءِ ڪوبه خدا نه آهي. تون ئي آهين محافظ ۽ مددگار مهمين خدا.“** (20)

-9 اسين هن نماز ۾ ڪهڙي ڳالهه جي شاهدي ڏئي رهيا آهيو.______________________

______________________________

______________________________

______________________________

## حصو 10

اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اهي نعمتون جيڪي اسان کي فرض نماز جي قانون جي پيروي ڪندي حاصل ٿينديون اهن ۽ روحاني خداري جيڪا اهڙي طور تي بين دعائن پڙهڻ سان حاصل ٿيندي آهي. ان کان علاوه جڏهن اسين سڀ وڏي يا ننڍي اجتماعن ۾ پڙهڻ واريون دعائون ٻڌندا آهيون ته اسان جا روح طاقت حاصل ڪندا آهن.

حضرت بهاء الله اسان کي ٻڌائين ٿا:

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**توهين سڀ تمام گهڻي خوشي ۽ محبت سان گڏ تي ملي ويهو ۽ مالڪ رحمان جون نازل ڪيل آيتون تلاوت ڪريو. ائين ڪرڻ سان سچي علم جا دروازا توهان جي باطني هستي تي کلي ويندا ۽ تڏهن توهين محسوس ڪندا تہ توهان جي نفسن ۽ روحن کي اطمنان حاصل ٿي ويو آهي ۽ توهان جا دل روشن خوشي سان پرجي ويا آهن.** (21)

اسان کي اهو ڄاڻي وڏي خوشي ٿيندي آهي تہ پوري دنيا ۾ دعا جي جلسن ۾ دوست ۽ پاڙيسري گڏجي ملي ڪري خدا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهن، اهي هزارن جي تعداد ۾ وڌي رهيا آهن.

بيت العدل العظم الاهي لکن ٿا:

**”دعا جا جلسا اهي موقعا آهن جتي هر نفس داخل ٿي سگهي ٿي، ملڪوتي خوشي سونگهي سگهي ٿي. دعا جي مٺاڻ جو تجربو ڪري سگهي ٿو خلقيل ڪلام تي غور ڪري سگهي ٿي.**

**”روح کي پرن تي پهچائي سگجي ٿو ۽ هڪ محبوب سان راز و نياز ڪري سگهجي ٿو. خاص ڪري اهڙي وقت تي روحاني طور تي ڄاڻ رکڻ واري گفتگو ۾ جيڪا قدرتي طور تي ٿيندي آهي ۽ جنهن جي ذريعي ”انساني دلين جا شعر“ کولي سگهجن ٿا محبت ۽ گڏيل محبت جا احساس پيدا ڪيا ويندا آهن.“** (22)

جڏهن اسين دعا جي لاءِ تيار ٿيندا آهيون تہ دنياوي خيالن کان ذهن کي پاڪ رکڻ لاءِ ڪجهہ دير خاموش اختيار ڪندا آهيون. پڙهڻ جي دروازن پنهنجن سوچن کي الله تعالیٰ جي طرف مرڪوز ڪندا آهيون. دعا تلاوت ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڪجهہ دير خاموش رهندا آهيون ۽ جلدي ئي ڪنهن ڪم ۾ نہ لڳي ويندا آهيون جڏهن اسين اجتماع ۾ ٻين جي طرف کان پڙهجڻ واريون دعائون ٻڌندا آهيون اهڙن موقعن تي اسين دعا وارو رويو برقرار رکندا آهيون ۽ لفظن کي پوري توجہ سان ٻڌاندا آهيون جڻ اسين پاڻ ئي ان کي تلاوت ڪري رهيا آهيون.

1- آيات الاهي جي تلاوت ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪهڙي جذبي سان جمع ٿيڻ گهرجي؟___________

________________________________________

2- آيات الاهي جي تلاوت جي لاءِ اسان جي گڏ جمع ٿيڻ سان ڪهڙو اثر ٿيندو؟___________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

3- عقيدت جا اجتماع اهڙا موقعا هوندا آهن جتي ڪوبہ روح:

– ______________________________

– ______________________________

– ______________________________ ۾

– ______________________________ ڪري سگهي ٿو.

4- دعا جي جلسن سان ڪهڙا احساس پيدا ٿيندا آهن؟______________________________

______________________________

5- دعا جي جلسن ۾ فطري انداز ۾ ٿيڻ واري روحانيت سان ڀريل گفتگو جو ڇا اثر ٿيندو؟

______________________________

______________________________

5-تنهائي يا اجتماعن ۾ دعا پڙهڻ وقت با احترام رويي جي باري ۾ ڪجھ لفظ بيان ڪريو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

### حصو _ 11

هن ڪتاب جي پهرين يونٽ هر روز ڪلام الاهي مان اقتباس پڙهڻ ۽ ان جي معنيٰ تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي عادت تي توجہ مرڪوز ڪرڻ هئي. هتي توهان دعا جي اهميت تي غور ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ روزانو دعائون پڙهڻ جي عادت کي مضبوط ڪريو. گذريل حصي سان عبادت جي اهميت جي طرف توهان جي توجہ کي مرڪوز ڪيو.

هيستائين جي مطالعي توهان کي تيار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ خدمت جي راھ تي پهرين قدم جي طور تي توهان هڪ دعا جي جلسي جي ميزباني ڪري سگھو ٿا.

شروعاتي قدم جي طور تي توهان ڪيترين ئي دعائون ياد ڪري ۽ انهن کي ڪجھہ دوستن سان شيئر ڪري سگھو ٿا ۽ گڏ ئي ان ڳالھ کي يقيني بڻائيندا تہ پنهنجي سماج ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دعا جي جلسي ۾ شرڪت ڪريو ۽ ان جي پرجوش مددگارن ۾ شمار ٿيو. آخرڪار پوءِ توهان پاڻ دعا جي جلسي جي ميزباني ڪرڻ جو فيصلو ڪري سگھو ٿا جنهن ۾ پنهنجي دوستن، گهر جي ماڻهن ۽ پاڙي وارن کي باقاعدگي سان دعائن ۽ محبت جي لاءِ جمع ٿيڻ جي دعوت ڏئي سگھو ٿا. اهڙي طرح جا اجتماع عام طور تي ٻہ يا ٽي شريڪ ٿيندڙن سان سلسلي جي شروعات ٿيندي آهي.

جيئن تہ توهان سوچي سگھو ٿا تہ دعا جي جلسي کي مرڪوز ڪرڻ لاءِ ڪوبہ طئي ڪيل فارمولو نہ آهي. پر هي واضح آهي تہ دوستن جو هڪ اجتماع آهي جتي دعائون ادا ڪيون وينديون ۽ تعليمات مان عبارتون پڙهيون وينديون آهن ۽ هڪ ظاهري روحاني ماحول ۾ هڪ حوصلي سان ڀريل گفتگو ٿيندي آهي اجتماع جي ميزباني جي اصولن ۾ ڇا توهان هيٺ ڏنل نظرين جي باري ۾ ڪجھہ لفظ چئي سگھو ٿا.

گرم جوشي ۽ محبت سان ڀريل دعوت ڏيڻ.______________________

______________________________________________

______________________________________________

استقبال ڪرڻ وارو ماحول پيدا ڪرڻ______________________

______________________________________________

______________________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

احترام سان ڀريل ماحول قائم رکڻ.________________________________

________________________________________________________________

________________________________________________________________

همراهي ۽ محبت کي وڌائڻ ______________________________________

________________________________________________________________

________________________________________________________________

روح کي طاقت ڏيڻ واري گفتگو جي حوصلہ افزائي ڪرڻ _______________

________________________________________________________________

________________________________________________________________

________________________________________________________________

# روح جي زندگي تي غور و فڪر

## ڪتاب:


1. حضرت بهاءالله جي تحريرن مان منتخب اقتباس، نمبر 43.4
2. حضرت بهاء الله، ٽرسٽوردينيس، بيت العدل آعظم الاهي جي رسرچ ڊپارٽمينٽ جي طرفان تيار ڪيل حضرت بهاء الله جي مقدس آثارن مان هڪ مجموعو 1987 نمبر 21
3. آسماني محبوب جي پڪار. نمبر 2.43
4. امن جي عالم جو قيام، صفحہ 27
5. ڪلمات مڪنونا، نمبر 13
6. حضرت شوقي آفندي جي طرفان لکيل 8 ڊسمبر 1935ع جي هڪ خط مان، جيڪو دعا ۽ عقيدت پريل زندگيءَ ۾ شايع ڪيو ويو.
7. حضرت عبدالبهاء جي لفظن، جن جو حوالو J.E.Esslemont ڪتاب بهاء الله و عصر جديد ۾ ڏنو آهي.
8. ايضاً
9. حضرت بهاء الله، بهائي دعائن مان: حضرت بهاء الله، حضرت باب، حضرت عبدالبها، حضرت شوقي آفندي تي نازل ٿيل دعائن مان انتخاب.
10. ايضاً
11. حضرت عبدالبهاء جا لفظ، جن جو حوالو Star of the west ۾ ڏنو ويو آهي.
12. حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 136.2
13. حضرت بهاء الله، بهائي دعائن مان
14. ايضاً
15. حضرت عبدالبها جا لفظ، دعا ۽ عقيدت پريل زندگي، مان
16. حضرت عبدالبها جي 5- آگسٽ 1912ع جي خطاب مان جيڪو عالمي امن جي قيام ۾ شايع ڪيو ويو.
17. حضرت عبدالبهاء جي تحريرن مان انتخاب نمبر 22.1
18. حضرت شوقي آفندي طرفان لکيل خط 10- جنوري 1936ع جيڪو دعا ۽ عقيدت پريل زندگي ۾ شايع ڪيو ويو. نمبر 61
19. حضرت شوقي آفندي جي طرفان لکيل خط 10- جنوري 1936ع مان جيڪو بهائي دعائن ۾ شايع ڪيو ويو هو.
20. حضرت بهاء الله، بهائي دعائن مان
21. حضرت بهاء الله، دعا ۽ عقيدت پريل زندگي
22. بيت العدل اعظم الاهي جي پيغام 29- ڊسمبر 2015ع مان

Final





# زندگي ۽ موت

مقصد:

اهو سمجهڻ ته زندگي هن دنيا جي تبديلين ۽ امڪانن جو نالو نه آهي. هن جي اصل اهميت ته روح جي ترقي ۾ ڏني وڃي ٿي.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

# حصو _ 1

انساني روح مادي ۽ جسماني دنيا کان بلند ۽ برتر آهي.
پنهنجي هڪ خطاب ۾ حضرت عبدالبهاءَ واضح فرمائين ٿا.
**”هي تمام مادي جسم (ايٽمن) جا مرڪب آهن جڏهن هي ايٽم هڪ ٻئي کان الڳ ٿيڻ شروع ڪن ٿا ته ٿني وڃن ٿا ۽ اهو منظر اچي وڃي ٿو جنهن کي اسان موت چوندا آهيون.“** (1)
**”پر روح جو معاملو ان کان بلڪل جدا آهي روح عنصرن جو مجموعو نہ آهي هي گهڻن ايٽمن جو مرڪب نہ آهي هي تہ بس هڪ واحد ناقابل تقسيم وجود آهي ۽ انهيءَ ڪري دائمي آهي. هو جسماني خلق جي نظام کان بلڪل آزاد آهي. هو لافاني آهي.“** (2)

1. لفظ مرڪب مان ڇا مراد آهي؟ ________________________________________________

________________________________________________________________

2. ڇا انساني روح مادي جسم وانگر عنصرن جو مرڪب آهي. جيئن مادي جسم؟ __________

________________________________________________________________

3. ڇا انساني روح مادي هستي آهي؟ ________________________________________________

________________________________________________________________

# حصو _ 2

حضرت ولي عزيز امر الله جي طرفان لکليل هڪ خط ۾ بيان آهي تہ.

انسان جو روح حمل جي وقت وجود ۾ اچي ٿو.

حمل جي معنيٰ بابت سوال جي جواب ۾ بيت العدل اعظم الاهي فرمائين ٿا.

**”بهائي تحريرن ۾ ڪٿي بہ اهو واضح طور تي نٿو ملي جيڪو متعين طور تي استمرار حمل جو حياتياتي وقت يا ان موقعي کي بيان ڪري سگهي.**
**طبعي نقطہ نظر سان بہ هن اصلاح جو استعمال غير متعين معلوم پوي ٿو يقيناً استمرار حمل جي هڪ سمجهہ هي آهي تہ بادآوري (زرخيز) سان هي زمانيت رکي ٿو. هڪ وري هي**

**آهي ته باد آوري تنعيب جي بعد ٿئي ٿو جڏهن حمل جو باقائده آغاز ٿئي ٿو ته اهو چاڻڻ ممڪن آهي ته روح جو مادي جسم سان تعلق ڪهڙي وقت جڙي ٿو ۽ اهڙا سوال انساني سوچ ۽ فڪرمندي جي لاءِ ناقابل تحليل ٿي سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته انهن جو تعلق عالمِ روحاني ۽ خود روح جي فطرت جي اسرار سان آهي.“** (3)

1. انساني روح ڪڏهن وجود ۾ اچي ٿو؟ ____________________________________

______________________________________________________________

2. ڇا اصلاح استمرار حمل جي حياتياتي لمحي جي عين وضاحت ڪن ٿا؟ ______________

______________________________________________________________

## حصو _ 3

روح ۽ جسم جو تعلق ڪو مادي تعلق نه آهي روح نه ته جسم ۾ داخل ٿيندو آهي نه ان ڪان ٻاهر ۽ نه ته ڪا جسماني جڳهه والاريندو آهي. ان جو تعلق بلڪل ائين هوندو آهي جيئن روشني جو آئيني سان جيڪو هن کي منعڪس ڪري ٿو. آئيني ۾ جيڪا روشني نظر اچي ٿي اها ان جي اندران نٿي نڪري، روح به جسم جي اندر نه هوندو آهي.

حضرت عبدلبهاء فرمائين ٿا ته.

**”نفسِ ناطقه يعني روح انساني هن جسم اندر نه رهندو آهي يعني هن جسم ۾ داخل نه آهي. ڇاڪاڻ ته حلول و دخول (داخل ۽ خارج) جسم جون خاصيتون آهن نفسِ ناطقه يعني روح ان ڪان پاڪ آهي اهو شروع ۾ ئي جسم ۾ داخل نه هوندو آهي. ته جسم ڪان جدا ٿيڻ بعد ڪنهن جڳهه جو محتاج نه ٿئي بلڪ روح جو جسم سان تعلق ائين آهي جيئن چراغ جو آئيني سان جيستائين آئينو صاف ۽ ڪامل آهي چراغ جي روشني ان ۾ ظاهر آهي جڏهن آئينو ڏنڌلو ٿئي ٿو يا ٽٽي وڃي ٿو ته روشني به پوشيده رهي ٿي.“** (4)

1. هيٺيان خال ڀريو

أ. نفس ناطقه يعني ______________ هن جسم جي اندر نه آهي يعني هن جسم ۾ ______________ نه آهي.

ب. يعني روح انساني جسم جي اندر نه هوندو آهي يعني هن جسم ۾ داخل نه آهي

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

چاڪاڻ ته حلول و دخول ______________ آهي ۽ نفسِ ناطقہ ان کان پاڪ آهي.

ج. روح ________ ۾ ڪڏهن ______________نہ هوندو آهي تہ جسم کان جدا ٿيڻ بعد ______________ جو محتاج ٿئي ٿو.

د. روح جو جسم سان تعلق ائين ئي آهي جيئن ان ______________ سان.

ه. جيستائين آئينو صاف ۽ ڪامل آهي ______________ ان ۾ ظاهر آهي

و. جڏهن آئينو ڏنڌلو ٿي وڃي ٿو يا ٽٽي وڃي ٿو تہ ______________ ٿي.

2. اسان جيستائين جيڪو پڙهيو ۽ سمجهيو ان جي بنياد تي فيصلو ڪريو تہ هيٺ ڏنل بيان صحيح آهن يا غلط

- ________ روح جو تعلق هن مادي دنيا سان نہ آهي.
- ________ روح جسم جي اندر هوندو آهي.
- ________ جسم روح جو مالڪ هوندو آهي.
- ________ روح لافاني آهي.
- ________ فرد جي شروعات ان وقت ٿئي ٿي جڏهن روح جنين سان پنهنجو تعلق قائم ڪري ٿي.
- ________ حقيقي زندگي جو آغاز ان وقت کان ٿيندو آهي جڏهن انسان هن دنيا ۾ جنم وٺي ٿو.
- ________ مادي وجود موت کان پوءِ بہ برقرار رهي ٿو.
- ________ زندگي انهن واقعن جو مجموعو آهي جيڪي هر روز اسان کي پيش اچن ٿا.

3. روح ۽ جسم جي درميان جيڪو تعلق آهي ان کي روشني ۽ ان کي منعڪس ڪرڻ واري آئيني جي مثال کي استعمال ڪندي بيان ڪريو.______________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

## حصو _ 4

روح ۽ جسم درميان هڪ نهايت ئي خاص تعلق آهي جيڪي پاڻ ۾ گڏجي انساني وجود ناهين ٿا. اهو تعلق هن فاني زندگي تائين قائم رهي ٿو. جڏهن اهو تعلق ختم ٿي وڃي ٿو ته ان مان هر هڪ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي وڃي ٿو، جسم عالم خاڪي طرف ۽ روح خدا جي روحاني جهان ڏانهن جتي هو پنهنجي پيشرفت جاري رکندو آهي.

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا:

**”انساني روح جي ابتدا آهي پر ڪا انتها نه آهي هو دائمي آهي.“** (5)

پنهنجي هڪ خطاب ۾ پاڻ واضح فرمائين ٿا:

**روح کي جسم جي ضرورت نه آهي پر جسم روح جو محتاج آهي ۽ ان کان سواءِ زنده نه ٿو رهي سگهي. نفس (روح) جسم کان سواءِ زنده رهي سگهي ٿو پر جسم ان کان سواءِ مري وڃي ٿو.** (6)

۽ حضرت ولي عزيز تشريع فرمائين ٿا:

**”انساني روح جي حوالي سان بهائي تعليم مطابق انساني روح جيئن انسان جي تشڪيل جي وقت شروع ٿئي ٿي ۽ جسم کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ ترقي ڪندي رهندي آهي. ۽ وجود جي لامتناهي لاڙهن چاڙهن مرحلن مان گذرندي آهي.“** (7)

1. مٿي ڏنل اقتباسن کي ذهن ۾ رکندي هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

أ) ڇا جسم کي روح جي ضرورت هوندي آهي؟______________________________

______________________________________________________________

ب) ڇا روح کي جسم جي ضرورت هوندي آهي؟______________________________

______________________________________________________________

ج) جڏهن انسان مري ويندو آهي ته جسم ۽ روح جي درميان رشتي تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي؟______________________________________________________

______________________________________________________________

د) موت کان پوءِ روح جو ڇا ٿيندو آهي؟______________________________

____________________________________

ه) روح ڪيستائين ترقي ڪندو رهندو آهي؟________________

____________________________________

و) زندگي ڪڏهن ختم ٿيندي آهي؟________________

____________________________________

-2 هيٺ ڏنل مان فيصلو ڪريو ته انهن حصن ۾ اسان جيڪو ڪجهه ڪيو آهي ڪهڙا ان سان مطابقت رکن ٿا.

- ________ موت هڪ سزا آهي.
- ________روح ۽ جسم جو تعلق هن فاني زندگي جي پوري عرصي دوران قائم رهي ٿو.
- ________جسم ابدي طرقي حاصل ڪرڻ جي قابل هوندو آهي.
- ________روح ابد تائين ترقي ڪندو رهندو.
- ________موت زندگي جي انتها آهي.
- ________مرڻ کان پوءِ اسان جو جسم وري جيئرو ٿي اٿندو اهو ڏينهن فيصلي جو هوندو.
- ________مرڻ کان پوءِ اسان جو روح هن دنيا جي پيٽ ۾ وڏيڪ آزاد هوندو.
- ________زندگي موت تي ختم ٿي ويندي آهي.
- ________اسان کي موت کان ڊڄندو رهڻ گهرجي.
- ________ڪاڏو ڪپڙا آرام ۽ تفريح روح جي لاءِ ضروري آهي.
- ________روح ٿڪجي پوندو آهي جڏهن جسم ان جي توانائي کي استعمال ڪندو آهي.
- ________روح جسم جي بيماري يا ڪمزوري کان متاثر نه ٿيندو آهي.
- ________مرڻ کان پوءِ به انساني وجود کي طبعي ضرورت رهندي.

# حصو _ 5

جيئن ته اسين ڏسي چڪا آهيون ته روح جڳھ نہ گھيريندو آهي ۽ نہ ئي فطرت جي قانونن مطابق هلندو آهي. جهڙي طرح مادي موجودات روح دنيا ۾ جسم جي وسيلي پنهنجي اثر جو اظهار ڪندو آهي. پر پنهنجي قوت کي استعمال ۾ آڻڻ جو صرف هي ئي هڪ ذريعو نہ آهي.

حضرت بهاء الله اعلان فرمائين ٿا:

**”يقيناً آئون چوان ٿو تہ انساني روح دخول و خروج (داخل يا خارج) کان بالاتر آهي. هو ساڪت هوندو آهي پر پرواز ڪندو آهي هو حرڪت ڪندو آهي مگر ساڪت هوندو آهي.“** (8)

حضرت عبدالبهاء اسان کي ٻڌائين ٿا:

**”ڄاڻي وٺو تہ انساني روح جو اثر ۽ ادراڪ ٻن طريقن جو هوندو آهي. يعني ٻن طريقن جو عمل ڪندو آهي. هڪ جسماني عضوو آلات جي ذريعي مثال طور اکين سان ڏسندو آهي. ڪنن سان ٻڌندو آهي. زبان سان ڳالهائيندو آهي. هي روح انسان جي اعمال ۽ حقيقت ۾ انسان جا ڪم آهن پر هي سڀ جسماني آلات ۽ عضون سان ڪري ٿو اهڙي طرح هي روح آهي جيڪو ڏسندو پر اک جي ذريعي، هي روح جيڪو ٻڌندو آهي پر ڪنن جي ذريعي، هي روح آهي جيڪو ڳالهائيندو پر زبان جي ذريعي.“**

**”روح جي اثر ۽ عمل جو ٻيو طريقو جسم جي ان آلات و عضون کان بغير آهي.“** (9)

1. خال ڀريو.

   أ. روح انساني ____________ ۽ ____________ کان بالاتر آهي.

   ب. هو ________ ۾ هوندو آهي پر ____________ ڪندو آهي.

2. انهن ٻن طريقن کي بيان ڪريو جنهن جي ذريعي روح محسوس ڪندو ۽ اثر ڪندو آهي؟

________________________________________

________________________________________

________________________________________

3. ڇا توهان جسماني وسيلن کان بغير روح جو مثال ڏيئي سگهو ٿا؟________________

________________________________________

________________________________________

**روح جي زندگي تي غور و فڪر**

## حصو – 6

گذريل حصن جي روشني ۾ هاڻي حضرت بهاء الله جي ڪلامن مان ورتل اقتباسن ۾ پڙهو:

**”تون ڄاڻي وٺ تہ انسان جو روح جسم ۽ ذهن جي تمام ڪمزورين کان بلند ۽ آزاد آهي ۽ هي تہ هڪ بيمار شخص ۾ ڪمزوري جا جيڪي آثار نظر اچن ٿا ان رڪاوٽن جي ڪارڻ آهن جيڪي ان جي روح ۽ جسم جي درميان رڪاوٽ ٿي وجن ٿا. پر روح خود ڪنهن بہ جسماني بيمارين کان متاثر نہ ٿيندو آهي. مثال طور ليمپ (بتي) جي روشني تي غور ڪريو جيڪڏهن ڪان ٻاهرين شئي ان جي روشني جي سامهون رڪاوٽ ٺئي ٿي پر اها روشني بغير ڪنهن قوت جي گهٽجڻ جي بغير چمڪندي رهندي آهي. بلڪل اهڙي طرح ڪابہ بيماري جو انساني جسم کي لاحق هوندي آهي هڪ رڪاوٽ هوندي آهي جيڪا روح کي پنهنجي حقيقي قوت کي ظاهر ڪرڻ کان روڪي ٿي. ايستائين جڏهن جسم کي ڇڏيندو آهي تہ ايتري پيش رفعت ظاهر ڪري ٿو ۽ اهڙو اثر ڏيکاريندو آهي جنهن جي برابري دنيا جي ڪابہ طاقت نٿي ڪري سگهي. هڪ پاڪيزه پرلطف ۽ هر مقدس روح کي زبردست قوت عطا هوندي آهي ۽ هو ان کان وڌيڪ خوش و مسرور هوندو آهي.“** (10)

1. پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو تہ ڪهڙي طرح روح جسم يا دماغ جي ڪمزورين کان متاثر نہ ٿيندو آهي ۽ جسم کان الڳ ڇا واضح ۽ آشڪار هوندو؟ ________________________

________________________________________

________________________________________

2. ڇا اسين پنهنجي جسماني موت کان پوءِ بہ پنهنجي انفراديت کي قائم رکنداسين؟

________________________________________

________________________________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

### حصو ـ 7

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا:

**”هاڻي انسان جي روح ۽ موت کان پوءِ ان جي باقي رهڻ جي باري ۾ تنهنجي سوال بابت اهو چڱيءَ طرح ڄاڻي وٺ تہ روح جسم کان جدا ٿيڻ بعد ترقي ڪندو رهندو آهي. ايستائين اهو هڪ اهڙي حالت ۽ ڪيفيت ۾ خدا جي حضور ۾ پهچي ويندو آهي جنهن کي نہ تہ زمانن ۽ صدين جا لاڙها چاڙها ۽ نہ ئي هن دنيا جون تبديليون ۽ انقلاب بدلائي سگهن ٿا. اهو ان وقت تائين قائم رهندو جيستائين خدا جي بادشاهت، سلطنت، قبضو ۽ اقتدار قائم رهندو. اهو خدا جي آيتن ۽ ان جي صفتن کي ظاهر ڪندو ۽ ان جي عنايت جو مظهر هوندو.“** (11)

1. مرڻ کان پوءِ روح ڪيتري عرصي تائين ترقي ڪندو رهندو؟________________________

________________________________________________

2. روح ڪهڙي حالت ۾ خدا جي بارگاهہ جي طرف پنهنجو ازلي سفر جاري رکندو.

________________________________________________

3. روح ان حالت ۾ ڪهڙي صفتن ۽ نشانين جو مظهر هوندو؟________________________

________________________________________________

4. هيستائين جيڪو ڪجهہ پڙهيو ۽ سمجهيو ان جي بنياد تي فيصلو ڪريو تہ هيٺ ڏنل جملا صحيح آهن يا غلط.

- __________ خدا جي بادشاهت هميشہ قائم رهندي.
- __________ روح ۾ اها طاقت موجود آهي تہ خدائي صفتن مثال طور محبت ۽ عنايت ظاهر ڪري.
- __________ دعائون جيڪي اسان مرحومن جي لاءِ پڙهندا آهيون اهي ان جي روحن تي ڪوبہ اثر نہ ڪنديون آهن.
- __________ روح جو وجود ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو آهي.

# حصو _ 8

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا ته:

**”تون اهو ڄاڻي وٺ ته هر ٻڌڻ واري ڪن کي جيڪڏهن پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي ته هر وقت اهو آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ گهرجي جيڪو هي مقدس ڪلام بيان ڪندو آهي. بيشڪ اسان خدا جا آهيون ۽ ان جي طرف واپس موٽڻ وارا آهيون. اسان جي جسماني موت ۽ ان جي واپسي جو راز بيان نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ان بابت ڪنهن پڙهيو آهي...“**

**”موت هر مطمعن مومن کي اهو ساگر عطا ڪري ٿي جيڪو حقيقت ۾ حياتي جو ساگر آهي. اها خوشي عطا ڪري ٿي پاڻ سان خوشي آڻي ٿي، اها ابدي زندگي جو عطيو بخشي ٿي...“**

**”جيستائين انهن انسانن جو تعلق آهي جنهن انسان جي زميني وجود جو ميوو چکيو آهي جيڪو خداءِ واحد ۽ برحق جي سڃاڻپ آهي، ان جي باري ۾ ڄاڻو ته هن دنيا کان پوءِ ان جي زندگي اهڙي هوندي جنهن کي اسان بيان نه ٿا ڪري سگهون. ان جو علم فقط خدا کي ئي آهي جيڪو سڀني جهانن جو مالڪ آهي.“** (12)

”اي فرزند عظمت! موت کي مون تولاءِ خوشخبري قرار ڏنو آهي، تون هن کان رنجيده ڇو ٿو ٿين ۽ نور کي مون انهي لاءِ بنايو ته جيئن تون روشني حاصل ڪرين ته پوءِ تون انهيءَ کان ڇو ٿو لڪين.“ (13)

1. هيٺ ڏنل بيانن مان ڪهڙا درست آهن؟

- ○ __________ انسان جو روح خدا جي طرف کان اچي ٿو ۽ ان جي طرف واپس ويندو.
- ○ __________ موت کان پوءِ واري زندگي بابت سڀ ڳالهيون خدا ڄاڻي ٿو.
- ○ __________ حقيقي مومن لاءِ موت زندگي آهي.
- ○ __________ موت خوشي جي حامل آهي.
- ○ __________ موت جا سڀ راز سڀني ماڻهن کي خبر آهن.

- ___________ موت کان خوفزده ٿيڻ بغير اسان کي زندگي جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. ان جي ڪري جو هي خوشي جو پيغام آهي.
- ___________ موت کان پوءِ زندگي جي باري ۾ ڄاڻڻ اسان لاءِ ضروري نه آهي.

2. هاڻي جيڪو ڪجهه اسان پڙهيو آهي ان کي ذهن ۾ رکنديءَ موت، جسم ۽ روح جي باري ۾ هڪ مختصر بيان لکو.___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

___________________________________________________

## حصو -9

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا ته:

**”پنهنجي زندگي جي شروعات ۾ انسان ماءُ جي پيٽ ۾ جنين جي صورت ۾ هو اتي ان انساني وجود جي حقيقت جي لاءِ ضروري صلاحيتون ۽ خاصيتون حاصل ڪيون. هن دنيا ۾ ان کي جن قوتن ۽ صلاحيتن جي ضرورت هئي اهي ان کي ماءُ جي پيٽ ۾ عطا ڪيون ويون. دنيا ۾ ان کي اکين جي ضرورت هئي ته ان کي بنيادي طور تي اکيون مليون. ان کي ڪنن**

## روح جي زندگي تي غور و فکر

**جي ضرورت هئي ته اتي کن به مليا. جيئن هو پنهنجي نئين وجود جي لاءِ تيار ٿي سگهي. ان کي هن دنيا ۾ جن صلاحيتن جي ضرورت هئي اهي ان کي ماءُ جي پيٽ ۾ عطا ڪيون ويون ته ضروري آهي ته هن جهان ۾ پاڻ کي ايندڙ زندگي لاءِ تيار ڪري. چاڪاڻ ته خدا جي ٻي دنيا ۾ ان کي جن شين جي ضرورت هوندي انهن کي هتي حاصل ڪرڻ ضروري آهي. جهڙي ريت ان ماءُ جي پيٽ ۾ ان قوتن کي حاصل ڪري خود کي تيار ڪيو هو جن جي هن دور ۾ ضرورت آهي. بلڪل اهڙي طرح ملڪوتي وجود جي لاءِ ضروري قوتون بنيادي طور هن دنيا ۾ حاصل ڪرڻيون پونديون."** (14)

1. فيصلو ڪريو ته هيٺ ڏنل جملا صحيح آهن يا نه؟

❖ __________ هن دنيا لاءِ تمام ضروري قوتون ۽ صلاحيتون اسان کي ماءُ جي پيٽ ۾ عطا ڪيو ويون.

❖ __________ ايندڙ زندگي لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ ضروري نه آهي.

❖ __________ اسان کي ملڪوتي جهان ۾ جن شين جي ضرورت پوندي انهن کي اسان هتي حاصل ڪري سگهون ٿا.

❖ __________ هن زندگي جو مقصد ايندڙ زندگي لاءِ ضروري صلاحيتون ۽ قوتون حاصل ڪرڻ آهي.

❖ __________ حقيقي زندگي جي شروعات ان وقت ٿئي ٿي جڏهن انسان جي وفات ٿئي ٿي ۽ هو ملڪوتِ ابهيٰ ۾ داخل ٿئي ٿو.

❖ __________ حقيقي زندگي هن دنيا ۾ شروع ٿئي ٿي ۽ جسماني موت کان پوءِ به جاري رهي ٿي.

2. اهي ڪهڙيون چند صلاحيتون آهن جيڪي انسان عالم رحم ۾ حاصل ڪري ٿو؟

________________________________________

________________________________________

________________________________________

3. موت کان پوءِ زندگي جي لاءِ ڪهڙيون صلاحيتون هن دنيا ۾ حاصل ڪرڻ ضروري آهن؟

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

---

---

---

## حصو _ 10

حضرت بهاءُ الله فرمائين ٿا تہ:

**”اڄ جي ڏينهن انسان کي گهرجي تہ هو هن لاءِ بي انتها فيض مان پنهنجو حصو حاصل ڪري جيڪو خدا ان لاءِ موڪليو آهي. نہ ڪنهن کي پنهنجي دامن جي فراحي يا تنگي جو خيال و فڪر نہ ڪرڻ گهرجي. ڪن جو حصو ھڪ جي برابر ٿي سگهي ٿو ٻين جو پيالن جي برابر جڏهن تہ ڪن جو وڏيڪ بالٽي جي برابر.“** (15)

1. مٿي ڏنل اقتباسن جي روشني ۾ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو

أ. اڄ جي ڏينهن انسان جي پوري ذميدار ڇا آهي؟______________________________

______________________________________________

ب. انهن عنايتن مان ڪن جو ذڪر ڪريو جيڪي توهان کي خدا عطا ڪيون آهن؟___

______________________________________________

ج. مٿي ڏنل اقتباسن ۾ لفظ دامن مان ڇا مراد آهي؟______________________________

______________________________________________

د. اسان کي پنهنجي دامن جي فراحي يا تنگي تي ڌيان ڇو نہ ڏيڻ گهرجي؟__________

______________________________________________

ه. اهي ڪجهہ ڪهڙيون شيون آهن جيڪي اسان کي خدا جي عنايتن مان پنهنجو حصو حاصل ڪرڻ ڪان روڪين ٿيون؟ ________________________________________

______________________________________________

2. هيٺ ڏنل جملن مان ڪهڙا درست آهن؟

- ________ اسان جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ گهٽائڻ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسين ڪيترا هوشيار آهيون.



## زندگي ۽ موت

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

- ________ خدا جي خدمت جي لاءِ ضروري آهي تہ اسين پنهنجن ڪمزورين کي وساري ان تي ڀروسو ڪريون.
- ________ جيڪڏهن اسين هن دنيا ۾ پنهنجي انهن صلاحيتن کي ترقي نہ ڏينداسين جيڪي خدا اسان کي بخشيون آهن تہ جڏهن اسين ٻي دنيا ۾ پهچنداسين تہ اسان جا روح ڪمزور هوندا.

## حصو _ 11

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا تہ:

**"تو مون کان روح جي حقيقت جي باري ۾ سوال ڪيو آهي. يقين سان ڄاڻي وٺ تہ روح خدا جي هڪ نشاني آهي. هڪ آسماني جوهر جنهن جي حقيقت ڄاڻڻ کان ماڻهن ۾ سڀ کان وڏو عالم بہ قاصر رهيو آهي ۽ جنهن جي راز کي اعليٰ ترين ذهن بہ نٿا کولي سگهن تمام مخلوق ۾ اها پهرين شئي آهي جنهن پنهنجي خالق جي خوبي جو اعلان ڪيو. سڀ کان پهرين ان جي جلال کي تسليم ڪيو ان جي سچائي سان جڙيل رهيو ۽ ان جي سامهون حمد و ثناءَ جي لاءِ سر جهڪايو ۽ خدا جي راضپي تي راضي رهيو."** (16)

1. خال ڀريو:

أ) روح خدا جي هڪ ________________ آهي.

ب) روح هڪ ________________ جنهن جي ________________ ڄاڻڻ سان ماڻهن ۾ سڀ کان وڏو عالم بہ قاصر رهيو ۽ جنهن جي ______________کي اعليٰ ترين ذهن بہ ________________

ج) تمام مخلوقات ۾ ________________ ئي اها پهرين شئي آهي جنهن پنهنجي خالق جي خوبي جو اعلان ڪيو.

د) روح اهو آهي جنهن سڀ کان پهرين خدا جي ________________کي تسليم ڪيو.

ه) روح اهو آهي جنهن سڀ کان پهرين خدا جي ______________ سان جڙيل رهيو.

و) روح اهو آهي جنهن سڀ کان پهرين خدا جي سامهون ____________ لاءِ سر جهڪايو.

2. هيٺ ڏنل جملن مان ڪهڙا صحيح آهن؟

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

- ______ راز کي ڪولي سگهڻ مان مراد پيد ظاهر ڪرڻ آهي.
- ______ تمام شين مان جنهن شئي سڀ کان پهرين خدا کي تسليم ڪيو اهو انساني ذهن آهي.
- ______ اعليٰ ترين مان مراد آهي ذهين.
- ______ هڪ عالم شخص روح جي راز کي سمجهي ٿو.
- ______ صرف وڏا وڏا فلسفائي خدا جي عظمت جو اظهار ڪري سگهن ٿا.
- ______ روح جي باري ۾ غور و فڪر ڪرڻ ضروري نہ آهي ڇاڪاڻ تہ اسين ان کي ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهنداسين.

# حصو _12

حضرت بهاءُالله فرمائين ٿا:

**”تون ان پکيءَ وانگر آهين جيڪو پنهنجي مضبوط پرن کي پوري قوت ۽ پرپور مسرت ۽ اعتماد سان آسمان جي بلندين ۾ ان وقت تائين پرواز ڪندو آهي، جيستائين هو پنهنجي بک مٽائڻ جي خواهش کان مجبور ٿي هيٺ زمين جي آب و گل جي طرف شوق سان متوجہ نہ ٿو ٿئي، ۽ پوءِ هو پنهنجي خواهشن جي ڄار ۾ ڦاسي پيهر انهن عالمن جي طرف پرواز ڪرڻ کان پاڻ کي معذور ڏسندو آهي جتان هو آيو هو. پنهنجي خراب ٿيل پرن تي ڇميل وزن کي ڇنڊڻ جي قوت کان محروم اهو پکي جيڪو هن وقت تائين آسمان جو واسي هو، آخرڪار مٽيءَ ۾ گهر ٺاهڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. بس منهنجا خادمو! پنهنجي پانهن کي سرڪشي ۽ فضول خواهشن جي مٽي سان آلوده نہ ڪريو ۽ انهن کي نفرت جي ڌوڙ سان گندو ٿيڻ نہ ڏيو، تہ جيئن منهنجي ملڪوتي علم جي آسمان ۾ پرواز ڪرڻ ۾ تنهنجي راهہ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ اچي.“** (17)

-1 خالي جايون ڀريو:

أ. هن اقتباس ۾ حضرت بهاء الله جنهن پکي جو حوالو ڏنو آهي اهو __________آهي.

ب. هي پکي ______________________________ جو واسي آهي.

ج. هي پکي هاڻي مجبور آهي تہ ______________________ ۾ پنهنجو گهر ٺاهي.



## زندگي ۽ موت

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

أ. روح جا "پر" ڪهڙي طرح "آلوده" ٿي سگهن ٿا؟ ______________________________

______________________________________________________

ب. ڪجهه اهڙين آلودگين جو ذڪر ڪريو جيڪي "زمين جي آب و گل" وانگر آهن؟

______________________________________________________

______________________________________________________

ج. اهي ڪجهه ڪهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي ملڪوتي علم جي آسمان ۾ پرواز ڪرڻ کان اسان کي روڪين ٿيون؟ ______________________________

______________________________________________________

د. آخر ڪو روح پنهنجي آسماني گهر جي بدلي هي دنياوي گهر ڇو وٺندو آهي؟

______________________________________________________

______________________________________________________

2- فيصلو ڪريو ته هيٺ ڏنل جملا درست آهن:

- ______ دنيا جا تعلقات اسان جي روحاني ترقي ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي سگهن ٿا.
- ______ سرڪشي، خودپسندي ۽ نفساني خواهشون اسان کي ملڪوتي علم جي آسمانن ۾ پرواز ڪرڻ کان روڪينديون آهن.
- ______ حسد ۽ نفرت انسان جون خصلتون آهن ۽ هي روح کي ڪمزور نه ٿيون ڪن.
- ______ هن دنيا جي شين کان پاڻ کي آزاد ڪري اسين پنهنجي پاڻ کي هن بار مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهون ٿا جيڪي اسان کي آسماني بلندين ۾ پرواز ڪرڻ کان روڪينديون آهن.
- ______ روح جو گهر هن زمين تي آهي.

**روح جي زندگي تي غور و فڪر**

# حصو _ 13

حضرت بهاءالله فرمائين ٿا:

**”خدا ڪل ڪائنات ۽ موجودات کي خلقڻ کان پوءِ... چاهيو ته انسان کي هي منفرد امتياز ۽ استعداد بخشي ته هو هن جو عرفان حاصل ڪري ۽ ان سان پيار ڪري. هي اها صلاحيت آهي جنهن کي سڀني مخلوقن کي پيدا ڪرڻ جو سبب ۽ بنيادي مقصد سمجهڻ گهرجي. هُن هر شئي جي حقيقت کي پنهنجي نالن مان هڪ نالي سان منور ڪيو ۽ ان کي پنهنجي صفتن مان هڪ صفت سان روشن ڪيو. پر انسان جي حقيقت تي ان پنهنجي سڀني نالن ۽ صفتن سان توريو ۽ ان کي پاڻ پنهنجي ذات جو آئني دار بڻايو. سڀني مخلوقن ۾ صرف انسان کي ئي پنهنجي عظيم فضل ۽ قديم رحمت سان نوازڻ فرمايو.“ (18)**

1. هيٺيان خال ڀريو:

أ. خدا چاهيو ته انسان کي هڪ منفرد امتياز و استعداد بخشي ته جيئن هو __________ڪري ۽ __________ڪري.

ب. خدا هر شئي جي حقيقت کي پنهنجي __________ جي ذريعي منور ڪيو آهي.

ج. انسان جي حقيقت تي خدا پنهنجي __________ ۽ __________ سان توريو آهي ۽ ان کي پاڻ پنهنجي __________جو آئني دار ناهيو آهي.

2. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

أ) ڇا اوهين ڪجهه خدائي صفتون بيان ڪري سگهو ٿا؟__________________________

__________________________________________

ب) انسان جي روح مان ظاهر ٿيڻ واريون ڪجهه خدائي صفتون ڪهڙيون آهن؟______

__________________________________________

ج) اهي صفتون ڪهڙي طرح ظاهر ٿي سگهن ٿيون؟ __________________________

__________________________________________

د) خدا انسان تي ڪهڙي خاص عنايت ڪئي آهي؟__________________________

__________________________________________

3. هيٺين جملن مان ڪهڙا درست آهن:

- ______ سيني مخلوقن ۾ انسان منفرد نہ آهي.
- ______خدا سان محبت ۽ ان کي ڄاڻڻ جي صلاحيت ئي آهي جنهن کي سيني مخلوق کي پيدا ڪرڻ جو سبب ۽ بنيادي مقصد خيال ڪرڻ کپي.
- ______هر مخلوق خدا جي صفتن مان ڪنهن هڪ صفت کي ظاهر ڪري ٿي.
- ______انساني روح خدا جي تمام صفتن کي منعڪس ڪري سگهي ٿو.

## حصو _ 14

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا:

**”آفتاب عنايت ۽ سرچشمہ هدايت انسان جي حقيقت ۾ جن صلاحيتن تي رکيو آهي اهي هن جي اندر لڪيل ئي رهنديون آهن جهڙي ريت لاٽ شمع ۾ لڪل آهي ۽ روشني جو ڪرڻو امڪاني طور تي ڏيئي ۾ موجود آهي. انهن صلاحيتن جي جوت کي دنياوي خواهشون اهڙي طرح ڏنڌلو ڪري سگهن ٿيون جهڙي ريت سج جي روشني آئيني تي پيل ڌوڙ ۽ مٽي جي هيٺيان لڪي سگهي ٿي. شمع هجي يا ڏيو ڪوبہ مدد ۽ تعاون جي بغير خود پنهنجي ڪوشش سان روشن نہ ٿي سگهندو ۽ نہ ئي آئيني جي لاءِ ڪڏهن بہ اهو ممڪن ٿيندو تہ هو پنهنجي ڌوڙ پاڻ ئي لاهي ڇڏي. اهو صاف واضح آهي تہ جيستائين باهہ نہ ڏيکاري وڃي چراغ روشن نہ ٿيندو ۽ جيستائين آئني مان ڌوڙ کي صاف نہ ڪيو ويندو تہ هو ڪڏهن بہ سج جو عڪس پيش نہ ڪري سگهندو ۽ نہ ئي وري هن جي روشني ۽ چمڪ ڏمڪ کي منعڪس نہ ڪري سگهندو.“** (19)

1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو

أ. لفظ لڪيل مان ڇا مراد آهي؟ ______________________________

______________________________________________

ب.اهي ڪهڙيون قوتون آهن جيڪي انسان جي روح ۾ لڪيل آهن؟______________

______________________________________________

______________________________________________

ج. ڏيئي ۾ ڪهڙي صلاحيت لڪيل آهي؟______________________

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

# حصو _ 15

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا:

**”ذات قدم جي علم جو دروازو ماڻھن جي لاءِ ازل کان بند رهيو آهي ۽ ابد تائين بند رهندو. ڪنھن انسان جي سمجھ ان جي مقدس آستاني تائين ڪڏھن بہ پھچي نہ سگھندي پر اُن پنھنجيءَ رحمت جي نشاني ۽ پنھنجي فضل جي ثبوت طور ماڻھن ۾ پنھنجي آسماني هدايت جي آفتابن کي هميشہ ظاهر ڪيو آهي. جيڪي اُن جي مقدس وحدانيت جي علامت آهن ۽ انھن مقدس هستين جي سڃاڻپ کي خود پنھنجي سڃاڻپ قرار ڏنو آهي. جيڪو انھن کي تسليم ڪري ٿو اُن خدا کي تسليم ڪيو. جيڪو بہ انھن جي سڏ کي ٻڌي ٿو اُن خدا جي سڏ کي ٻڌو ۽ جيڪو بہ انھن جي ظهور جي حقيقت جي شاهدي ڏئي ٿو ان خدا جي حقيقت جي شاهدي ڏني. جيڪو بہ انھن کان مُنھن ڦيري ٿو اُن دراصل خدا جو انڪار ڪيو. انھن مان هر هڪ خدا جي راهہ آهي جيڪا هن دنيا کي مٿين جهانن سان ملائي ٿي ۽ زمين ۽ آسمان ۾ موجود هر شيءِ جي لاءِ خدا جي سچائي جو معيار آهي. اُهو ماڻھن جي وچ ۾ مظاهر ظهور الاهي آهن. خدا جي سچائي جا ثبوت آهن ۽ ان جي جلال جون نشانيون آهن.“** (20)

1. لکيل وڏي اقتباس کي ذهن ۾ رکندي هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

أ) ڇا انسان لاءِ خدا کي سنئون سڌو ڄاڻڻ ممڪن آهي؟ ______________________

______________________________________________

ب) تڏهن اسين خدا کي ڪيئن سڃاڻي سگھون ٿا؟ ______________________

______________________________________________

ج) آسماني هدايتن جي آسمانن مان ڪجھ جا نالا ٻڌايو؟ ______________________

______________________________________________

د) جن ماڻھن مظهر ظهور جي پڪار تي ڌيان ڌريو انھن ڪنھن جو آواز ٻڌو؟ _____

______________________________________________

______________________________________________



## زندگي ۽ موت

ه) جڏهن اسان مظاهر ظهور الاهي جي پڪار تي ڌيان نٿا ڏيون تہ اصل ۾ اسان ڪنهن ڪان منهن ڦيريندا آهيون؟ ________________________________________

________________________________________________________________

-2 هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو:

أ. ذات قدم جي علم جو دروازو ماڻهن لاءِ ازل کان __________آهي ۽ __________تائين بند رهندو.

ب. ڪنهن انسان جي سمجھ ______________ تائين ڪڏهن بہ پهچي نہ سگهندي.

ج. خدا پنهنجي ظهورن کي پنهنجي ____________جي نشاني طور موڪلي ٿو.

د. انهن مان هر هڪ خدا جي راهہ آهي جيڪا

ه. خدا جي مظهر ظهور جي سڃاڻپ خود ______________________ جي شناخت برابر آهي.

و. جيڪو بہ مظهر ظهور کي تسليم ڪندو آهي اهو __________________کي تسليم ڪندو آهي.

ز. جيڪو بہ انهن جي پڪار تي لبيڪ چوي ٿو اهو ________________کي تسليم ڪندو آهي.

-3 هيٺ ڏنل مان ڪهڙا صحيح آهن:

- ______اسين صرف اڪيلا پنهنجي ڪوشش سان روحاني ٿي ويندا سين.
- ______الله اسان کي عقل ڏنو آهي ۽ اسان جي ترقيءَ لاءِ اهو ڪافي آهي.
- ______اسين مظهر ظهورِ الاهي کي سڃاڻي وٺون اهو ڪافي آهي اسان کي وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.
- ______اسين صرف انهيءَ وقت ترقي ڪري سگهون ٿا جڏهن مظهر ظهور کي سڃاڻندي انهن جي تعليمات جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريون.

# حصو _ 16

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا:

**”الله جا انبياءَ ۽ رسول صرف ان مقصد جي لاءِ آيا آهن ته جيئن هو نوع بشر کي سچائي ۽ سڌي رستي جي طرف رهنمائي ڪن. انهن جي ظهور جو مقصد اهو ئي رهيو آهي ته هو سڀني ماڻهن جي تربيت ڪن ته جيئن موت جي وقت انتهائي پاڪيزگي ۽ سچائي سان پوري انقطاع جي عالم ۾ خدا جي بلند ۽ برتر عرش جي طرف صعود ڪن.“** (21)

هڪ ٻئي اقتباس ۾ پاڻ فرمائين ٿا:

**”انسان سڀني کان وڏو طلسم آهي پر صحيح تربيت جي گهٽتائي اُن کي اهڙي شيءِ کان محروم ڪري رکيو آهي جيڪا ان جي اندر موجود آهي. خدا جي منهن مان نڪرڻ واري هڪڙي لفظ وسيلي انهي کي وجود ۾ آندو هو. هڪ ٻئي لفظ وسيلي اُن جي رهنمائي ڪئي ويئي هئي ته هو پنهنجي تربيت جي سرچشمي کي سڃاڻي. هڪ ٻئي لفظ ذريعي ان جي مقام، مرتبي ۽ منزل مقصود جي حفاظت ڪئي ويئي. وجود اعليٰ فرمائي ٿو ته انسان کي انمول هيرن سان ڀريل کاڻ سمجهو. صرف تربيت ئي ان ڳالهه جو سبب بنجندي ته اهو پنهنجا خزانه ظاهر ڪري ۽ انسان ذات کي اُن قابل بنائي ڇڏيندي ته هو اُن مان فائدو وٺي. جيڪڏهن ڪو شخص ان ڳالهه تي غور ڪري جيڪا خدا جي پاڪ مرضي جي آسمان مان نازل ٿيڻ وارن ڪتابن ظاهر ڪيو ويو آهي ته هو انهيءَ مهل سمجهي ويندو ته ان جو مقصد هي آهي ته سڀ ماڻهن کي هڪ روح جهڙو سمجهيو وڃي ته جيئن هر دل تي اها مُهر لڳائي وڃي ته بادشاهت خدا جي هوندي ۽ ملڪوتي فضل، عنايت ۽ رحمت پوري انساني نسل تي ڇانئجي وڃي.“** (22)

-1 سوال:

1. مظهر ظهور ڪهڙي مقصد لاءِ موڪليا ويندا آهن؟______________________________

______________________________________________________________

2. انهن جي ظهور جو ڇا مقصد آهي؟________________________________________

______________________________________________________________

3. طلسم جو ڇا مطلب آهي؟ __________________________________________

______________________________________________

.4 صحيح تربيت جي گهٽتائي جو انسان تي ڇا اثر ٿئي ٿو؟ ______________________

______________________________________________

.5 صحيح تربيت ڪهڙي ڳالهه جو سبب بنجي سگهي ٿي؟______________________

______________________________________________

______________________________________________

.6 اسان جي تربيت جو سرچشمو ڪير آهي؟______________________

______________________________________________

.7 اسان جي منزل مقصود ڪهڙي آهي؟______________________

______________________________________________

.8 تربيت سان جيڪي هيرا موتي ظاهر ٿي سگهن ٿا اُن مان ڪجهه نالا لکو؟________

______________________________________________

.9 جڏهن اسين ڪلام الاهي تي غور ڪندا آهيون ته اسان کي ڇا سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي آهي؟______________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

## حصو _ 17

حضرت بهاءالله فرمائين ٿا:

**”ان ڪان سواءِ تو مون ڪان بدن ڪان جُدا ٿيڻ بعد روح جي ڪيفيت بابت سوال ڪيو آهي. يقين سان ڄاڻي وٺ ته جيڪڏهن انساني روح خدا جي راهن تي هلي هوندي ته ضرور واپس وڃي محبوب جي جلال ۾ ملي ويندي. خدا جي نيڪي جو قسم! ان کي اُهو مقام ملندو جنهن**

**روح جي زندگي تي غور و فڪر**

**جو ذڪر ڪو قلم نٿو لکي سگهي ۽ جنهن کي ڪا زبان بيان نٿي ڪري سگهي. جيڪا روح امرالله سان وفاداري ۽ اُن خدا جي راهه تي ثابت قدم رهي آهي. اها هن دنيا کي ڇڏڻ کانپوءِ اهڙي قوت جي مالڪ هوندي جو قادر مطلق جي پيدا ڪيل سڀئي جهان اُن جي ذريعي فيضياب ٿي سگهندا.“ (23)**

-1 هيٺين فقرن کي مڪمل ڪريو:

أ. جيڪڏهن انسان جي روح خدا جي راهن تي هلي هوندي ته اها يقينن __________

______________________________________________

ب. اُن کي اهو مقام ملندو جنهن جو______________________________

______________________________________________

ج. جيڪا ____________ امرالله سان __________ ۽ ان جي __________ ثابت قدم ٿيندي ته اها __________اهڙي قوت جي مالڪ هوندي جو __________ جي پيدا __________ان جي ذريعي __________ٿي سگهندا.

## حصو _ 18

حضرت بهاءالله فرمائين ٿا:

**”مبارڪ آهي اها روح جيڪا جسم کان جدا ٿيڻ وقت دنيا جي ماڻهن جي فضول خيالن کان پاڪ هوندي. اهڙي روح پنهنجي خالق جي مرضي مطابق رهندي ۽ حرڪت ڪندي آهي ۽ فردوس اعليٰ ۾ داخل ٿيندي آهي. آسماني حورون ۽ اعليٰ محلن ۾ رهڻ واريون اُن جو طواف ڪن ٿيون. خدا جا پيغمبر ۽ ان جا چونڊيل بندا اُن سان ملڻ چاهيندا. انهن سان اها روح آزادانه طور تي ڳالهائيندي ۽ ڪين انهن مصيبتن کان آگاهه ڪندي جيڪي ان کي ڏٺي سڳوري جي راهه ۾ برداشت ڪرڻيون پيون.“ (24)**

**”ان کي گهرجي ته هو گنهگارن کي معاف ڪري ۽ انهن جي ڪريل حالت کان هرگز نفرت نه ڪري ڇو ته ڪير به نٿو ڄاڻي ته اُن جو پنهنجو خاتمو ڪئين ٿيڻ وارو آهي. ڪيترا پيرا ائين ٿيو آهي جو هڪ گنهگار مرڻ وقت ايمان جي جوهر سان سرفراز ٿي ويو ۽ آب حيات هڪ ئي ساهي ۾ پيئندي ملاءِ اعليٰ ۾ پرواز ڪري ويو ۽ ڪيترا پيرا ائين به ٿيو آهي جو**

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**هڪ عبادت گذار مومن پنهنجي روح جي پرواز ٿيڻ جي گهڙي ۾ اهڙي طرح بدلجي ويو جو پست ترين باھ ۾ وڃي ڪريو.“** (25)

سوال:

1. بدن کان جدا ٿيڻ وقت اسان جي روح جي حالت ڪهڙي هئڻ گهرجي؟______________

______________________________

2. ڪجھ فضول خيال ڪهڙا تي سگهن ٿا؟______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

3. فضول خيالن کان پاڪ روح موت کان پوءِ ڪهڙي حال ۾ رهندا ۽ حرڪت ڪندا آهن؟

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

4. اهڙن روحن جا رفيق ڪير هوندا آهن؟ ______________________________

______________________________

5. ڇا اهڙا روح خدا جي پيغمبرن ۽ بزرگ بندن سان گفتگو ڪري سگهندا؟___________

______________________________

6. ڇا اسان کي اها اڳيئي خبر هوندي تہ اسان جي زندگي ڪڏهن ۽ ڪيئن ختم ٿيندي؟

______________________________

______________________________

7. اسان ابدي زندگيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا؟ ______________________

______________________________

______________________________

______________________________

## حصو _ 19

**”انساني روح جسم کي ڇڏڻ کان پوءِ هميشہ جي زندگي جي وارث آهي. ان لاءِ بيشڪ هي موجود شئي آهي. ۽ ترقي جي قابل آهي انهيءَ ڪري مرڻ کان پوءِ انسان جي لاءِ معافي ۽ عنايت رحم ۽ مهرباني جو گهرڻ جائز آهي. ڇو تہ وجود ترقي جي قابل آهي. انهيءَ ڪري حضرت بهاءَ الله ادعيہ مناجات ۾ ٻي دنيا جي طرف صعود ٿيل ماڻهن جي لاءِ معافي و رحم گهريو ويو آهي. ان کان علاوه جنهن طرح هن دنيا ۾ خدا جي خلق جي محتاج آهي هُن دنيا ۾ بہ محتاج آهي ۽ خدا هميشہ غني متعلق آهي. هن دنيا ۾ بہ ۽ هُن دنيا ۾ بہ.“** (26)

1. اسان کي مرحومن جي روحن جي لاءِ دعا ڇو ڪرڻ گهرجي؟ ____________________

______________________________________________________________

______________________________________________________________

______________________________________________________________

______________________________________________________________

## حصو _ 20

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا تہ:

**”جڏهن روح هن مٽي جي ڍير کان جدا ٿي ۽ خدا جي عالم جي طرف پرواز ڪري ٿي تڏهن تمام پرده ڪري ويندا ۽ حقيقت روشن ڏينهن وانگر آشڪار ٿي ويندي. ۽ اهو سڀ جيڪو نامعلوم هو اهو ظاهر ٿي ويندو ۽ لڪيل سچايون سوچڻ جي قابل ٿي وينديون فرض ڪريو تہ عالم وجود ۾ ڪهڙي طرح ڪنن کان ٻوڙو ۽ اکين کان انڌو ۽ ڳالهائڻ جي قوت کان محروم هو. اهڙي طرح هو ڪهڙي بہ قسم جي شعور کان عاري هو جڏهن هڪڙي دفعا هو ان عالم جي اونداهي مان ٻاهر عالم نوراني ۾ قدم رکيو هو پوءِ هن جون اکيون ڏسڻ ۽ ڪن ٻڌڻ لڳن ٿا ۽ زبان ڳالهائڻ لڳي ٿي. انهيءَ انداز ۾ جڏهن هو فاني دنيا کي ڇڏي ملڪوت خداوند طرف مڙي ٿو هو روح جي حيثيت ۾ جنم وٺي ٿو تڏهن ان جو اندر جون اکيون کلي**

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

**وينديون، هن جي روح جا ڪن خدائي سڏ ٻڌي سگهندا ۽ سڀ سچايون جن کان هو هن دنيا ۾ غافل هو اهي هن جي سامهون واضح ۽ ظاهر ٿي ويندڀون."** (27)

1. هيٺ ڏنل فقرن کي مڪمل ڪريو:

الف. جڏهن هي روح دنيا کي ڇڏي ڏيندو آهي.

تڏهن پردا_______________________________

۽ حقيقت _______________________________

۽ اهو سڀ جيڪو نامعلوم هو _______________ ۽ لڪيل سچايون_______________

ب. عالم _______________ ۾ اسان ڪنن سان _______________ اسين اکين سان _______________ ۽ ڳالهائڻ جي قوت کان _______________ هئاسين.

ج. جڏهن اسان هن دنيا ۾ پيدا ٿيندا آهيون تڏهن اسان جون اکيون _______________ اسان جا ڪن _______________ ۽ زبان _______________

د. انهيءَ انداز ۾ جڏهن اسين خدا جي ملڪوت جي طرف وڃون ٿا تڏهن اسين _______________ جي حيثيت سان _______________ وڃون ٿا.

ح. تڏهن اسان جي _______________جون اکيون_______________ ويندڀون ۽ اسان جي _______________ جا ڪن _______________ ٻڌي سگهن ٿا ۽ اهي تمام _______________ جن کان اسين دنيا ۾ غافل هئاسين اسان جي اڳيان_______________ ٿي ويندا.

2. فيصلو ڪريو ته هيٺ ڏنل بيان درست آهن.

- ➢ _________ جڏهن اسين عالم رحم ۾ هوندا آهيون تڏهن اسان کي ان دنيا جي باري ۾ خبر هوندي آهي.
- ➢ _________ مرڻ کان پوءِ جي حالت اسان جي لاءِ هُن دنيا ۾ هڪ پوشيده حقيقت آهي.
- ➢ _________ مرڻ کان پوءِ بلڪل هڪ نئون اُفق اسان جي اڳيان کُلي ويندو.
- ➢ _________ جڏهن اسين مري ويندڀاسين ته ٻيهر زنده ٿي هن دنيا ۾ اچي ويندڀاسين.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

# حصو _ 21

حضرت بهاءُ الله فرمائين ٿا تہ:

**”۽ هاڻي تنهنجي سوال جي باري ۾، ڇا انساني روح جسم سان پنهنجي جدائي ڪان پوءِ هڪٻئي جو شعور قائم رکي سگهنديون. ڇاڻي وٺو تہ اي اهل بهاءَ جي سُرخ ڪشتي ۾ داخل ٿي ڪري ان ۾ آرام حاصل ڪن ٿيون. انهن جون راهون هڪٻئي سان ملنديون جلنديون آهن ۽ نهايت قرب سان گفتگو ڪنديون ۽ پنهنجي زندگي ۾ ان قدر قربت سان رهنديون تہ انهن جون آرزو ان جي مقصد ان جون ڪوششون پلي هو هڪ ئي نفس ۽ روح هجن درحقيقت اهي ئي ماڻهو جيڪي خوب باخبر آهن جن جون نظرون گهرائي واريون آهن ۽ انهن کي عرفان عطا ڪيو ويو آهي. عليم و حڪيم خدا ان طرح انهن تي حڪم فرمايو آهي.“**

**”اهل بهاءَ جيڪي خدائي ڪشتي ۾ سوار آهن انهن مان هر هڪ ۽ سڀ هڪ ٻئي جي حالت ۽ ڪيفيت ڪان آگاهہ آهن ۽ دوستي ۽ رفاقت جي ٻڌڻ ۾ جڙيل آهن. هي ڪيفيت ۽ ان جو دارومدار ان جي ايمان ۽ ان جي ڪردار تي آهي جيڪي هڪ ئي درجو ۽ مقام رکن ٿا اهي هڪٻئي جي صلاحيت ۽ ڪردار، ڪاميابين ۽ خوبين ڪان بہ خوبي آگاهہ آهن. جڏهن تہ اهي گهٽ درجي تي آهن اهي ان جي مقام کي سمجهڻ يا ان جي خوبين جو اندازو لڳائڻ جي قابل نہ آهن جيڪي ان جي مرتبي ۾ بلند آهن هر هڪ تنهنجي رب ڪان پنهنجو حصو وصول ڪندو. مبارڪ آهي اهو شخص جنهن پنهنجو مُنهن خدا جي طرف موڙيو آهي ۽ ان جي محبت ۾ مضبوطي سان هليو، ايستائين جو ان جو روح خدا جي طرف پرواز ڪري ويو جيڪو بادشاهہ مقتدر غفور ۽ رحيم آهي.“** (28)

1- ڇا اڳين دنيا ۾ اسين انهن ماڻهن کي سڃاڻينداسين جن کي اسين هن دنيا ۾ سڃاڻون ٿا؟

______________________________

______________________________

2- اڳين دنيا ۾ روحن جي درميان رشتو ڪيترو قريبي ٿيندو؟ ______________

______________________________

3- اڳين دنيا ۾ روحن جي درميان اختلاف ۽ امتياز جو دارومدار ڪهڙي شئي تي ٿيندو.



## زندگي ۽ موت

________________________________________

________________________________________

________________________________________

-4 ڇا ڪير خدا جي فضل مان محروم رهندو؟________________________________

________________________________________

## حصو _ 22

حضرت بهاء الله فرمائين ٿا:

**”اي منهنجا بندؤ جيڪڏهن هنن ڏينهن ۾ خدا جي رضا سان ڪجهه اهڙيون شيون ظاهر ٿي رهيون آهن جيڪي تنهنجي خواهش جي خلاف آهن ته غمگين نه ٿي. ڇو ته مبارڪ خوشي ۽ آسماني مسرت جا ڏينهن يقيناً تنهنجي لاءِ رکيا ويا آهن. تنهنجي اکين جي سامهون روحانيت سان روشن جهان ظاهر ڪيا ويندا. خدا تنهنجي لاءِ مقرر ڪيو آهي ته هن دنيا ۾ ۽ هن کان پوءِ تون ان جا فيض حاصل ڪرين، انهن جي خوشي ۾ شريڪ ٿين ۽ انهن جي هميشه رهڻ واري فضل کي حاصل ڪرڻ وارو ٿين. بيشڪ تون انهن مان هر هڪ تائين رسائي حاصل ڪندين.“** (29)

1. فيصلو ڪريو ته هيٺ ڏنل بيان صحيح آهن يا غلط.

- ________ جيڪڏهن شيون اسان جي خواهشن جي مطابق نه هجن ته اسان کي غمگين ٿيڻ گهرجي.
- ________سٺي يا خراب هر شئي الله جي مرضي سان آهي.
- ________اسان سيني جي خوشي جا ڏينهن اسان جا منتظر آهن.
- ________خدا جا ٻيا مقدس روحاني طور تي شانداد عالم ڏسڻ جي پڪ ڪرائي ويئي آهي.
- ________اسان جي تقدير اُها آهي ته اسين هُن دنيا جي فيضن کي هن زندگيءَ کان پوءِ حاصل ڪريون.

2. جيڪڏهن شيون اسان جي خواهش جي مطابق نه ٿي رهيون هجن ته اسان کي افسوس ڇو نه

ڪرڻ گهرجي؟ ______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

3. حضرت بهاء الله هن تحرير ۾ اسان سان ڪهڙو واعدو ڪن ٿا؟ ____________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

## حصو _ 23

هن يونٽ ۾ توهان انساني زندگي جي معنيٰ تي غور ڪيو. توهان روح جي فطرت هن دنيا ۾ زندگي جو مقصد روحاني صفتن جي ترقي جي ضرورت ۽ ابدي شان و شوڪت ۽ خوشي سان ڀرپور زندگي جي ڏنل واعدن جي متعلق سکيو. هن ڪتاب جي ٻئي يونٽ ۾ اسان ٻٽي مقصد يعني خود پنهنجي روحاني ۽ ذهني پرورش ۽ سماج جي ڪايا پلٽ جي شرڪت ۾ مصروف رهڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان بصيرت جي روشني ۾ جيڪا توهان روح جي ترقي جي باري ۾ حاصل ڪئي. ان تصور تي واپس اچڻ ۽ ان مقصد جي ٻنهي پهلوئن ۾ شرڪت ڪرڻ جي اهميت جي باري ۾ سوچڻ جو هڪ موقعو آهي.

پنهنجي گروپ ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ توهان جي غور ۽ فڪر ڪرڻ ۾ فائديمند ٿيندو.

1. روحاني خاصيتن کي ترقي ڏيڻ.
2. الله تعاليٰ جي اصولن تي عمل ڪرڻ
3. انساني نسل جي خوشحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ.
4. خدمت جي راهه ۾ ترقي ڪرڻ.

## روح جي زندگي تي غور و فڪر

## ڪتاب:


1. 10 نومبر 1911ع جي حضرت عبدالبهاء جي خطاب مان جيڪو خطابات پيرس ۾ شايع ڪيو ويو.
2. حضرت شوقي آفندي جي طرفان لکيل خط 1- اپريل 1946ع مان جولايٽس آف گائيڊنس ۾ شايع ڪيو ويو.
3. بيت العدل اعظم الاهي جي طرفان لکيل هڪ خط مان 28 جولاءِ 2016ع
4. حضرت عبدالبهاء، مفاوضات ۾ نمبر 66.3
5. ايضاً 38.5
6. حضرت عبدالبهاء جي خطاب 10- نومبر 1911ع مان جيڪو خطابات پيرس ۾ شايع ڪيو ويو نمبر 28.16
7. حضرت شوقي آفندي جي طرفان لکيل خط 31- ڊسمبر 1937ع مان جولايٽس آف گائيڊنس ۾ شايع ڪيو ويو.
8. حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 82.2
9. حضرت عبدالبهاء، مفاوضات ۾، نمبر 61.1
10. حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس، نمبر 80.2
11. ايضاً 81.1
12. ايضاً 165.1
13. ڪلمات مڪنونہ نمبر 32 عربي
14. حضرت عبدالبهاء جي خط 6- جولاءِ 1912ع مان جيڪو عالمي امن جي قيام ۾ شايع ڪيو ويو.
15. حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 4
16. ايضاً نمبر 72.1
17. ايضاً نمبر 153.6
18. ايضاً نمبر 27.2
19. ايضاً نمبر 27.3
20. ايضاً نمبر 21.1
21. ايضاً نمبر 81.1
22. ايضاً نمبر 122.1
23. ايضاً نمبر 82.7
24. ايضاً نمبر 81.1




## زندگي ۽ موت

25. ايضاً نمبر 125.3
26. حضرت عبدالبهاء، مفاوضات مان نمبر 62.3
27. حضرت عبدالبهاء جي تحريرن مان انتخاب نمبر 149.3
28. حضرت بهاء الله جي تحريرن مان منتخب اقتباس نمبر 76.1
29. ايضاً نمبر 153.9